طوفانَ ۾ ڳڻائون گهرُ

(کهاڻيون)



محمد علي پٺاڻ

پيڪاڪ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

طوفان ۾ گڪائون گهر

(ڪهاڻيون)

محمد علي پٺاڻ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

كتاب نمبر 149

كتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪوبہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگھجي.

طوفان ۾ ڪَکائون گَھرُ (ڪھاڻيون)

ڪھاڻيڪار: محمد علي پناڻ

چاپو پھريون: 2020ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

ڪمپوزنگ: محمد امين ڪلھوڙو

لي آئوٽ: سيد آفاق شاھ

ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو

بيڪ ٽائيٽل ڦوٽو گرافي: اياز گل

قيمت: 200 رُپيا

چپيندڙ

ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو ھنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گھر

404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 021-35680607، 021-35682020

peacockbookhouse@gmail.com

اڀنا

ڊاڪٽر مرلي ڏر

جي نالي

جيڪو انسانيت جي روشني آهي.

سڃاڻپ

نالو: محمد علي پنهنجو

والد جو نالو: حبيب الله پنهنجو

والده جو نالو: عائشہ خاتون عباسي

جنم جي تاريخ: 03 فيبروري 1962ع

جنم جو هنڌ: لاڙڪاڻو

پرائمري تعليم: گورنمينٽ پرائمري اسڪول محلو غوث پور لاڙڪاڻو

سيڪنڈري تعيلم: گورنمينٽ پائليٽ هاءِ اسڪول، لاڙڪاڻو

انٽر: گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو

بي اي: سنڌ يونيورسٽي جام شورو، سنڌ

ايم اي: (سنڌي ادب) سنڌ يونيورسٽي جام شورو، سنڌ

شادي: 1987ع

اولاد: هڪ نياڻي روحي بانو پنهنجو

لکڻ جي شروعات: 1974ع کان ٻارن جي لاءِ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان

ڇپيل ڪتاب: اکيون آلا چنڊ (نثري نظم) 1988ع،

عاشورا آهن (شاعري) 1995ع،

اگهيا اوجاڳا (وايون) 2000ع،

ڀڳو آرس اکڙين (شاعري) 2001ع،

Fluttering Feelings (Poetry) 2011

translated by: Jam Jamali

مسافتون ياد جون (ڪوتا ناول) 2013ع

مسافتين ياد کي (اردو) ترجمو: ننگر چنہ

اڇي رات ڪارو چنڊ (ٽي وي ڊراما سيريز) 2016ع

مونکي آهہ اٺاريو (شاعري) 2016ع

ميندي لهڻ کان اڳ ۾ (ڪهاڻيون) 2016ع

وقت بيهي نڪو... (طويل نظم) 2018ع
سئو لفظ سئو ڪهاڻيون (ڪهاڻيون) (2018ع)
سامين سمر سور (ٽي وي ڊراما سيريل)
دنيا ڪان اڳتي (ڪهاڻيون) 2019ع
جان جيئان تان پاڙيان (نظمَ) 2019ع
طوفان ۾ ڪڪائون گهر (ڪهاڻيون 2020ع

اڻڇپيل ڪتاب: منهنجو ڏک (سوانحي ڪَوِتا ناول)، The odysseys of a memoir (A poetic novel) Translated by Jam Jamaliتيسرا لباس (ڪهانيان(اردو ترجمو: ننگر چنا، مونکي به وٺي هلو (ڪهاڻيون)، گهائي ٽي تنهائي (شاعري)، دنيا سي آگي (ڪهانيان) اردو ترجمو: ننگر چنا، وات وڃائي جن (ناول)، ڏوڀي گهاٽ (ناول)، ٻتائي ۽ بلهيٰ شاهه جي ديس ۾ (سفرنامو)، وهڪرو (انفرادي ٽي وي ڊراما)، پَسي بازاريون (ڪالم)، انصاف (ٽي وي ڊراما سيريز)، ڏِڪِ دنگي هَل ناکئا (ڪالم)، يادگريون سنيال (خاڪا)، ڏر تتي (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڏکي ۽ ڏونگر (ڪالم)، اوڏر جي ماءُ (اسٽيج ڊراما)، منفرد ماڻهو (خاڪا)، اوجهڙ (ٽي وي ڊراما سيريل)، هاروچو پنيور جو (انٽرويوز)، اڻون نڪاح (اسٽيج ڊراما)، ايي اياريام (مهاڳ ۽ ڪتابن تي ڪيل تبصرا)، اکر جيائين جڙيا (مضمون ۽ اخباري فيچر)، تڪرار (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڪاهيءَ جي وچ ۾ (ناوليٽ)، پنج ڪهاڻيون پنج ڊراما.

سهيڑيل ڪتاب: ڊاڪٽر بيگم اشرف عباسيءَ جي آتم ڪهاڻي "جيڪي هلن هيڪليون"، سويي گيانچنداڻيءَ جي آتم ڪهاڻي "روشنيءَ جي پنڌ ۾"
ٽيليڪاسٽ ٿيل ڊراما سيريز:

انصاف (سنڌ ٽي وي 2004)، اڇي رات ڪارو چنڊ (ڪي ٽي اين 2005).

ٽيليڪاسٽ ٿيل انفرادي ڊراما:

وهڪرو (ڊائلاگن کان سواءِ)، قومي شاعر، بک بيڙو ٿول، پاٽيءَ جا شهيد، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، همٽ، پنجوڙ (مرڪزي خيال رزاق مهر جي اسٽيج ڊرامي ايف آءِ آر تان ورتل) ڪاري ڪٽي آهي (ڪهاڻي / امر جليل) ساڃيو ئي سوال (ڪهاڻي/ ايشور چندر)، انڌو خواب (ڪهاڻي / اخلاق انصاري)

اڻ ٽيليڪاسٽ ٿيل ٽي وي ڊراما:

ڏر تتي (ڊراما سيريل)، هَنُ (انفرادي ڊرامو)، بيوسي (انفرادي ڊرامو)، سامين سمر سور (ڊراما سيريل)، توتان بند ٻدا ٽيو (ڪهاڻي:امر جليل)، تڪرار (ڊراما سيريل)، پڙلاءُ (ڪهاڻي: امر جليل)

گايل شاعري: رحمان مغل (سرمد سنڌي)، عاشق نظاماڻي، رحمت ميرالي، شبانہ ڪوثر، نظير سمون، شفيق منگي، محمد بچل عباسي، هادي بخش عباسي، پروان علي (مشتاق شيخ)، ممتاز شيخ (سهڻو شيخ)، نديم سومرو

ايڊيٽر: "ذات" پبليڪيشن، لاڙڪاڻو "مرڪ" پبليڪيشن ۽ ماهوار "ڪونج"، لاڙڪاڻو

نوڪري: اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

رهائش: گهر نمبر 913/1 ويجهو مسجد خضرا، محلو ڏڻي، لاڙڪاڻو

سيل نمبر: 03312291073 – 03003414407

اي ميل: pathanmohammadali@gmail.com

فهرست

• اداري پاران	ڈاڪٽر آفتاب ابڙو	11
• ڪهاڻيڪار پاران	محمد علي ٻڌاڙ	12
• پيش لفظ	ماهتاب محبوب	14
• مهاڳ	ڈاڪٽر نواب ڪاڪا	16
• سماجي سائنسدان ۽ نقاد ڪهاڻيڪار: محمد علي ٻڌاڙ	ڈاڪٽر شير مهراڻي	24

ڪهاڻيون

1	خدا حافظ	31
2	بخشيش	33
3	بادشاهي ڪرسي	35
4	ٻيو ڪنهن کي چَوان	37
5	هنيانَو ۾ چُهنڀي	39
6	ٻي باهِ	41
7	نوان دروازا کلندا	43
8	فرق	45
9	گوشت ورهائجي ويو	47
10	سَمَڪَ	49
11	هَٿَ جو ٻيرُ	51
12	ٽج نہ بخشيديسانءِ	53
13	وري نہ ٽيندو	55
14	قانونَ جو مانُ	57
15	عَجَبُ	59

16	مان راضي آهيان	61
17	مُهين جي ڏڻي جا وارثَ	63
18	مَتِ	65
19	ڇڪِ پنڈَ کي	67
20	جاءِ	69
21	ڪيئن اکيون ٻوٽيندي	71
22	اندازو لڳاءِ	73
23	نقل	74
24	خفيہ ڏنڈو	76
25	فوتي ڪوٽا	78
26	انڈير نگري	80
27	تارازيءَ ۾ ڪاڻ آهي	81
28	پَهَڻُ ءِ پيچرو	82
29	صدقو	84
30	بُک ڪونہ ٻنايون ها	86
31	انصاف جي ٻيل	87
32	لازمي سنڈي هيئن پڙهائجي	89
33	تہ پوءِ مڃيانَو	91
34	مان آڃي	93
35	فيصلو	95
36	وڃي علاج ڪراءِ	97
37	انهن کي بہ خبر ٻوي	99
38	طوفانَ ۾ ڪَڪائون گهَرُ	101
39	ٻيٽي ئي ناهي	103
40	چار اکيائي	104
41	پَڪَ سان ٿو چَوانءِ	105
42	ڪاپي	107
43	سڪٽي هنيانَو تي	109

44	تيسين قرب ڪريو	111
45	ڪائي چڙهُ ڪندس	113
46	ڪنهن جي به نظر نه لڳندي	115
47	اڪيلڙو ڏيئو	117
48	رَسو	119
49	سنئين واتَ	121
50	انڌو عشق	123
51	ڪيرُ پچندن	125
52	پهرين فرصت ۾	127

اداري پاران

ڪتاب ۾ شامل سڀ ڪهاڻيون مون پڙهيون آهن. انهن جيڪو اثر ڇڏيو آهي، اهو ايڏا بہ ذهن تي تري پيو. خاص طور هيٺين طبقي جي مختلف سماجي ۽ معاشي مسئلن کي جهڙي نموني محترم محمد علي ٻناڻ اپاريو آهي، اهڙي دعويٰ شايد ئي ڪو ڪري سگهي.

مختصر پر چونڊ لفظن ۾ چٽيل، سندس هر ڪهاڻي پنهنجو مٽ پاڻ آهي. 'ڪهاڻيڪار پاران' واري نوٽ ۾ هن سچ لکيو آهي تہ جيڪي مسئلا سندس ذهن، بلڪ ضمير تي ايري اچن ٿا، اهي سندس نندڻ نِرهہ ڪريو ڇڏين. هڪ پيري پاڻ ٻڌايائين تہ گهر وارن جي پڙ ڪان، واش روم ۾ وڃي لکندو آهيان، جيستائين خاص طور ڪهاڻي يا شاعري پني تائين نہ پهچايان تيسين نندڻ حرام هوندي آهي. فطري طور اها لوچ پوچ دل، دماغ ۽ جگر تي اثر ڇڏيندي آهي.

ڪهاڻين جي مختلف رخن: پلاٽ، ڪردار، بيهڪ، ٻولي وغيره بابت اسان جي نوجوان دوستن تمام سٺو لکيو آهي. ميبم ماهتاب محبوب جو تہ ڪو مٽ ڪونهي، پر مونکي ڈاڪٽر نواب ڪاڪا ۽ ڈاڪٽر شير مهراڻي جي لکڻين ۾ گهرائي، ڪهاڻي جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ جو انداز وڻيو. اسان جي اداري لاءِ اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سائين محمد علي ٻناڻ جا سڀ ڪتاب اسان وٽان شايع ٿين ٿا. پڙهندڙن وٽان جيڪي رايا اچن ٿا. اُهي ليکڪ توڙي اداري جي واکاڻ ۾ هوندا آهن. خاطري آهي تہ هي ڪتاب بہ اڳ وارن ڪتابن جيان، ادب ۾ جوڳي جاءِ والاريندو.

ڈاڪٽر آفتاب ابڙو
چيئرمين
پيڪاڪ پبلشرس

کھاڻيڪار پاران

منهنجو دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بي مثال کھاڻيڪار بادل جمالي صاحب چوندو آهي تہ، "کھاڻي رَتُ تي پيئي."

سو واقعي، جيڪي کھاڻيءَ جي حقيقي ۽ سچي تخليق لاءِ کشت کاڻيندا آهن، کھاڻي انهن جي جگر جو رَتُ پيئندي آهي. کردار انهن جو چين آرام حرام کري ڇڏيندا آهن. ننڊ ۾ توڙي جاڳ ۾ هو انهن کردارن جي درد ۾ کنهن مرض وانگر مبتلا هوندا آهن ۽ تيستائين اهي ان کَربَ ۾ گذاريندا رهندا آهن، جيستائين کھاڻي سندن اندر جي بٽيءَ ۾ پچي راسُ تي يا کنهن پٿر وانگر تراشِجي مکمل صورت اختيار نہ کندي آهي.

هن کتاب "طوفانَ ۾ ڪَکائون گھرُ" يا ان کان اڳ شايع ٿيل پنهنجي کھاڻين جي مجموعن "ميندي لهڻ کان اڳ ۾"، "سئو لفظ سئو کھاڻيون" ۽ "دنيا کان اڳتي" جي هر کھاڻيءَ جي تخليق دوران مون اهو عذاب پوڳيو آهي. سسئيءَ وانگر ڏونگرن جا ڏولاوا سَٺا آهن. مارئيءَ وانگر ماڙيءَ جي باهِ جو تيکُ محسوس کيو آهي ۽ ايا تائين انهن کيفيتن ۾ پاڻ کي رهڻ ڏيندو آيو آهيان. چو تہ سفر ۾ وڻي نہ وڌي اٿم ۽ هر هفتي کھاڻي لکي ۽ روزاني "کاوش" ۾ چپائيندو پيو اچان.

ان ايڏي پنڌ جا کشالا پنهنجي جاءِ تي، پر انهن جي موٽ ۾ ڏيهہ پرڏيهہ ۾ مونکي پنهنجي پڙهندڙن وٽان جيکو پيار پلئہ پوندو رهيو آهي، ان لاءِ استاد بخاريءَ جي شعر جي هک ئي سِٽَ سدائين منهنجي هِنيانءَ ۾ هُرندي رهندي آهي تہ، "ڏرتيءَ پنهنجي ڏوڙ سجاتي، آءٌ تہ اهڙو ناهيان..."

هي ٻاونجاهہ کھاڻيون، جن مان ايکونجاهہ روزاني "کاوش" ۾ شايع ٿيل آهن ۽ هک "هنيانوَ ۾ چُھنڊي" اٽڪيل آهي، سڀ پڇ

ٻاونجاھُ لڙڪ آھن. جيڪي پنھنجي اکين کان اوھانجي اکين ڏانھن منتقل ڪيا اٿم، ان اميد سان تہ اوھان انھن جي پيڙا کي اوڏي ئي شِدت سان محسوس ڪيو، سوچيو ۽ انھن کي اگھڙ جا دڳ تلاش ڪريو. ڇو تہ "ڏک پريان جا ڏيلَ ۾، واجَتَ جيئن وڄائبا" ان لاءِ ئي آھن، تہ انھن جو خاتمو ٿئي ۽ سُکَ شاخون ڪڍن. جيڪي سماج مان اوٽايون دور ڪن ۽ سيڪو پنھنجي پرينءَ کي بي الڪو ٿي نہ رڳو پَسي، پيار ڪري، پر ھميشہ لاءِ پنھنجو ڪري، ان جي تا ابد مَنَ کي موجون بخشيدڙ خوشبوئن ۾ بہ رھي.

مان پنھنجي ھن سورھين ڪتاب لاءِ لکيل سنڌ جي ليجينڊ ليکڪا ماھتاب محبوب صاحبہ جي ليک، نامياري ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر نواب ڪاڪا صاحب جي مھاڳ، برڪ اديب ۽ محقق ڊاڪٽر شير مھراٹي صاحب جي املھ جائزي، جڳ مشھور ليکڪ ۽ محقق اشتياق انصاري صاحب جي مختصر راءِ، پبلشر ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب جي "اداري پاران" واري لکڻيءَ، فليپس لاءِ سينيئر ڪھاڻيڪارن شوڪت حسين شوري صاحب ۽ جھان آرا سومرو صاحبہ، بئڪ ٽائيٽل لاءِ ڪجھ سِٽون لکندڙ نئين ٿھيءَ جي نمائنده ڪھاڻيڪار منور سراج صاحب، ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪندڙ پنھنجي پاڻ محمد امين ڪلھوڙي صاحب، سان گڏوگڏ خوبصورت سرورق ٺاھيندڙ ۽ وڏي شھرت رکندڙ مصور ڪپتان ابڙي صاحب، بيڪ ٽائيٽل فوٽو گرافيءَ لاءِ اسانجي دور جي وڏي شاعر ايياز گل صاحب، سھڻو لي آئوٽ ٺاھيندڙ سيد آفاق شاھ صاحب ۽ ڪتاب کي ڇپائيءَ جي مرحلي مان گذاري پڙھندڙن جي ھٿن تائين رسائيندڙ قمر آفتاب ابڙي صاحب جو تمام گھڻو ٿورائتو آھيان. سندن اھي وَڙ ڪڏھن بہ وساري نہ سگھندس ۽ سدائين ڀَائڙ لاءِ سندن مقروض رھندس.

20 ڊسمبر 2019ع

محمد علي پٺاڻ

وڏي وٽ واريون ننڍڙيون ڪهاڻيون

محمد علي ٽالپر جون وڏي وٽ واريون ننڍڙيون ڪهاڻيون جڏهن پهريون پيرو اخبار "ڪاوش" معرفت منهنجي نظرن مان گذريون تڏهن سوچيم ته هِيانءَ ۾ ڪُپي ويندڙ ٻه سِٽون ئي لکيل ڇونہ هجن پوءِ ٻه اهي حُبوبن سُبوبن سان رهڙيل طويل ترين لکڻين کان بهتر طور پڙهندڙ تي پنهنجو اثر ڇڏين ٿيون. گاڏڙ ساڏڙ سنڌي بدران ٽاهوڪي، وٽندڙ ۾ نج نبار سنڌي هوليءَ ۾ لکيل اهي ننڍڙيون ڪهاڻيون ئي ته هيون جن کي پڙهڻ کان پوءِ مون ليڪڪ جا ڪجهہ ٻيا ڪتاب ٻہ پڙهيا. مونکي اِهو ڏسي لاشڪ ته خوشي ٿي ته محمد علي ٽالپر کي پنهنجي ادبي صلاحيتن تي پرپور اعتماد آهي.

مختلف موضوعن ۾ جيءُ جان ۾ جَميعت سان لکيل هن جا ليک پڙهندڙ کي پهرين سِٽ پڙهڻ سان ئي ٽالپر ۾ جکڙيو ڇڏين ۾ هو سموري تحرير پڙهڻ بنا رهي نٿو سگهي...

هونءَ ٻہ تحرير يا آواز، لهجو، توڙي گفتگو جو انداز شخصيت جو آئينو هوندا آهن، هِن تخليقي ذهن ۾ صحتمند سوچ رکندڙ ليڪڪ جي تحريرن چاهي گفتگو جي انداز مان پهريون تاثر اهوئي ملي ٿو ته هو هڪ محبتي، محنتي، سچو سڀاجهو، ڏک سک ۾ ساٿ ڏيندڙ ۾ هڏڏوکي انسان آهي، جيڪو لکڻين وسيلي پنهنجي مشاهدي جي پرپور عڪاسي ڪري ٿو، پر ان کي صرف "عڪاسي" نٿو چئي سگهجي عڪاسي ته ڪو ٻہ فوٽو گرافر ڪنهن ٻہ شيءِ جي ڪري سگهي ٿو، ان اعتبار کان ڏسجي ته محمد علي ٽالپر پنهنجي مشاهدن جي رڳو عڪاسي ئي ناهي ڪئي پر ان منجهہ پنهنجي گهرن احساسن ۾ دل ڇهندڙ جذبن جو اظهار شامل ڪري، انهن ۾ زندگي روان دوان ۾ جاودان ڪري ڏيکاري آهي، جنهن موجب هر تحرير جڙ پنهنجو ٽالپر

پڑهندڑ سان هم ڪلام ٿيندي هجي.

محمد علي جهڙا حساس ۽ نيڪ نيت ماڻهو ئي ٻين جي جِيءَ ۾ جهاتي پائي انهن جا بي وسي، لاچاري وارا احساس جهڻي اهڙا ليک لکي سگهندا آهن، انهن جي ذڪن سورن مسئلن مامرن کان ويندي ملڪي سياستن، زماني جي ظلمن زورآورين، ناانصافين ۽ ڏينهون ڏينهن پوئتي وڃي ويندڙ سنڌ جي سماجي حالتن جو جائزو وٺندي معاشري ۾ هن جي حاصلات لاءِ ڪجهه ڪري سگهڻ جهڙا جذبا اجاگر ڪندا آهن ۽ اهڙا جذبا جاڳائڻ ۾ ليکڪ ڪامياب ويجي ته اڄ ڪنهن به پناهگير کي ڪو بيان ڏيئي سنڌ صوبي کي اَڏو اَڏ ڪرائڻ جي جرئت ئي نه رهي.

مان اميد ٿي ڪريان ته محمد علي پنهنجي سنڌ ۽ سنڌ ڏرتيءَ جي ماڻهن جي رهنمائي ڪندي. پنهنجي بڙڇي يالن جهڙي چيندڙ احساسن سان ڀرپور، دل ڇهندڙ ڪتاب لکي، سنڌي قوم جي نذر ڪندو رهندو.

ماهتاب محبوب

محمد علي پٺاڻ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ جو اهم ڪهاڻيڪار

انساني سوچ لوچ ۽ فڪر کي تحرڪ ۾ رکڻ ۽ ارتقا جي سفر کي جاري رکڻ ۾ آرٽ جو بنيادي ڪردار آهي. ادب ۽ آرٽ جي تخليق محض وندر، تفريح ۽ لذت ماڻڻ لاءِ ناهي بلڪ انسان جي تنقيدي شعور کي جاڳائي حياتي جي ڪوڙاڻ توڙي مناس کي محسوس ڪرائي سماج جي سامهون اهي تصور چٽا ڪرڻ ٻ آهي، جيڪي سندس رهنمائي ڪري سگهن. واليٽيئر لکي ٿو ت،"اسين انسان آهيون، اسان جي وس ۾ آهي حساب ڪرڻ تورڻ تڪڻ، چنڊ چاڻ ڪرڻ، تپاسڻ، جانچ جونچ ڪرڻ، اهو ئي اسان جو فطري فلسفو آهي، اهائي اسان جي قدرتي ڏاهپ آهي." يعني سجاڳ انسان جو ڪم سماجي اصلاح سان گڏ تنقيدي شعور پيدا ڪرڻ ٻ آهي، انسان چا ڪري رهيو آهي، چا ٿي رهيو آهي ۽ چا ٿيڻ گهرجي! سڌي طرح اڻ سڌي طرح جديد ادب ۾ اهو اهڙي ڍنگ سان پيش ڪيو وڃي ٿو جو ڄاڻهه روح جي گهراين ۾ لهي وڃي ٿي. پڙهندڙ چئي ڏئي ٿو واقعي ائين آهي. لکندڙ جيترو تحرير جي فن کان واقف هوندو، اوترو وڌيڪ سندس ڄاڻهه وزنائتي ۽ اثر واري ٿي پڙهندڙن جي اڳيان ايندي.

ڪهاڻي ادب جي اها صنف آهي جيڪا سماج جي مخالف وارتائن کي ڪٽي ٿي، هڪ ئي فرد زندگي جي ڪيترن ئي مرحلن مان گذري ٿو، جيترا ٻ واقعا، مسئلا، حادثا، احساس ۽ خيال پيش اچن ٿا ڪهاڻي سيني کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي، مونجهارن، مسئلن، ڪاميابين، ناڪامين، نفرت، ذلت، خودي، انا ۽ ٻين ڪيترن ئي احساسن ۾ انسان ورهايل آهي، انهن مان هر هڪ تي ڪهاڻي لکي

سگھجي ٿي، ڪهاڻي وکريل انساني وجود کي ميڙڻ جي صلاحيت رکي ٿي. ڪهاڻي کي پنهنجو پورو وجود آهي، ڪردار ، واقعو، خيال، احساس، قدر، نظريو، پلاٽ، اسلوب، بولي سيئي هڪ مناسب انداز ۾ ڪهاڻي جي وجود کي ترتيب ڏين ٿا. ماهر فنڪار ڪهاڻي جي هر عنصر کي اهڙي طرح تراشي پنهنجي بيهڪ واري جاءِ تي بيهاري ٿو، جو هوءَ نه رڳو پنهنجو پرپور ڪارج ادا ڪري ٿي بلڪ هڪ فن پارو بہ ٿي پوي ٿي. سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ ۾ ڪيترائي اهم ۽ بهترين ڪهاڻيڪار ٿي گذريا آهن ۽ هن وقت بہ لکن پيا، اصل ۾ پڙهندڙن ۽ ڪهاڻي تي روايتي نظر رکندڙن جي کوٽ آهي، نہ تہ اڄ بہ شاهڪار ڪهاڻي لکجي پئي، سنڌي ڪهاڻي جي روايت جيڪا 1914ع کان لالچند امر ڏني مل، "حر مکيءَ جا" کان شروع ڪئي، 1930ع ۾ امر لال هنگوراڻي "ادو عبدالرحمان" جي صورت ۾ ان کي نئون رنگ ڏنو ۽ ان کان اڳتي سماجي حالتن جي گهرج ۽ عالمي فڪر سان ڳنڍيندڙ ڪهاڻيڪارن مرزا نادر بيگ، عثمان علي انصاري، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، ڪيرت ٻاباڻي، سوپو گيانچنداڻي، شيخ اياز، رام امر لال ۽ ٻين ڪهاڻي کي اوج تي پهچايو. 1947ع کان پوءِ اياز قادري، جمال ابڙي، غلام رباني آگري، ع. ق شيخ، ثميرا زرين، بيگم زينت عبدالله، سراج ميمڻ، ڊاڪٽر نجم عباسي ۽ ٻين ان ۾ وڌيڪ نوان رنگ پريا. امر جليل، نسيم کرل، مهتاب محبوب ۽ ٻين ان ۾ اڃا وڌيڪ رنگينيءَ تاثير پيدا ڪيو. منير احمد ماٽڪ، شوڪت شوري، مشتاق شوري نوان گس ورتا، علي بابا اڃا بہ پنهنجي منفرد راهہ ورتي. ڪيترائي اڃا بہ اهڙا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا جن سنڌيءَ ۾ شاهڪار ڪهاڻيون لکيون آهن. موجوده دور ۾ بادل جمالي، رسول ميمڻ، شوڪت حسين شورو، صديق منگيو، امر لغاري، حميد ابڙو، زيب سنڌي، محمد علي ٽالپر ۽ پيا ڪيترائي اهم نالا آهن جيڪي بهترين سنڌي ڪهاڻيڪار طور ڳڻائي سگهجن ٿا. اسان کي ان سوچ مان نڪرڻو پوندو تہ اسان وٽ عالمي سطح جا ڪهاڻيڪار ناهن پيدا ٿيا، ٽالستائي، چيخوف، گورڪي، ارنيسٽ هيمنگوي ۽ ٻين اهڙن ڪهاڻيڪارن جي صف ۾ اسان جا ڪهاڻيڪار چو شامل ناهن، ان

۾ صرف اديب، شاعر يا ڪهاڻيڪار ئي عالمي سطح جو هئڻ لازمي ڇو آهي، اسان جا ٻيا شعبا ۽ اسان جو سماج ۽ ان جون روايتون ڪٿي ٻيئيون آهن ڇا ٻيو سڀ ڪجهہ عالمي سطح جو آهي، جيڪڏهن نہ تہ اسان جو ليکڪ ٻہ ان ئي سماج جو حصو آهي. اسان لاءِ اسان جي هوليءَ ۾ جنهن درد پيڙا ۽ حالتن جي ڪرب مان گذرندي ڪهاڻيڪار لکي رهيا آهن، انهن کي پڙهڻ ۽ مڃتا ڏيڻ ۾ هرگز ڪنجوسي ڪرڻ نہ گهرجي.

سنڌي ڪهاڻي جي شاندار روايت جو هڪڙو نالو محمد علي ٽالپاڻ صاحب ٻہ آهي، ڪهاڻي جي مختلف فارمن/گهاڙيتن ۾ لاڳيتو وڏي عرصي کان لکندو اچي. ڪهاڻي، مختصر ڪهاڻي، مختصر مختصر ڪهاڻي جي سيني گهاڙيتن ۾ هن لکيو. حالتن جو تنقيدي شعور هن وٽ آهي، توڙي جو هن پوسٽ ماڊرنزم جي دور ۾ ڦاٿل، اخلاق، محنت اعليٰ قدر سڀ لڙهي ويا آهن. سيئي پنهنجي آفاقي حيثيت وڃائي چڪا آهن، سڀ نسبتي ٿي پيا آهن، سچ پنهنجي مفاد جو ڳالهايو. اخلاق ظاهري ڏيکاريو. محنت مال ميڙڻ لاءِ سمورا ليکا لتاڙڻ ۾ ڪيو. محمد علي ان صورتحال ۽ ان دور جو ڪهاڻيڪار آهي. هن مجموعي "طوفان ۾ ڪڪائون گهر" ۾ نہ صرف پاڻ اهڙي بعد جديد صورتحال کي پيش ڪري ٿو بلڪ هو اڃان ٻہ انهن اعليٰ قدرن کي مختصر ڪهاڻين جي ذريعي جوڙي ٿو جيڪي ڪنهن ٻہ باشعور ۽ مهذب سماج لاءِ بيحد ضروري آهن. هي ڪهاڻيون هلندڙ وقت جي برندڙ مسئلن تي آهن، حالتن تي سوچڻ جو شعور ڏين ٿيون، هيٺ مختصر طور ڪهاڻين جو اپياس ڏجي ٿو.

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي "خدا حافظ" نالي سان آهي. هي ڪهاڻي اعليٰ سماجي قدرن کي ظاهر ڪري ٿي، تعليمي ادارن ۾ وقت جي ضرورت آهي، نياڻين کي صحيح دڳ لائجي، انهن جي معصومانہ سوچ جو ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ بجاءِ سندن رهنمائي ڪجي، اهڙو ئي فڪر ڪهاڻي ۾ سمايل آهي، "بخشيش" ڪهاڻي وقت ۽ حالتن ۾ رشتن جي ساڃاهہ ۽ تڻندڙ قدرن کي جوڙيندڙ انسانيت کي جياپو ڏيندڙ ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي "بادشاهي ڪرسي" جا ٻہ پاسا اهم آهن، هڪ

تہ وڏيرڪي ذهنيت ۾ هيٺن سان ڏاڏايون ڪندڙ ڪردار ۾ انهن جي سوچ آهي، ٻيو اهڙا ڪردار جيڪي مٿين ڪردارن سان بددياڻتين ۾ سندن ساٿاري بڻيل آهن، هڪ ڏينهن اهي به ساڳي طرح شڪار ٿين ٿا، ان کان علاوه سرمائيدار، جاگيردار ۾ وڏيرڪي سماج ۾ ماڻهن کي لڳاتار غلاميءَ تي هيرايو وڃي ٿو ۾ اهي نسل در نسل مٿين طبقي جي غلامي ڪندا انهن لاءِ استعمال ٿيندا رهن ٿا، سبط حسن بلڪل درست لکيو آهي، "قديم دور ۾ انسانن کي هيرائڻ جي علم ۾ انسان کي جانور جي سطح تائين آڻڻ ئي بنيادي مسئلو هوندو هيو. جيئن ته تنهن وقت جسماني پورهيو ئي پيداواري عمل ۾ ضروري هوندو هيو. تنهنڪري، عام طور انسانن کي جانور جي متبادل سمجهيو ويندو هيو. اهي گهوڙي وانگر ڊوڙندا، ڏاند وانگر بار ڍوئيندا، ڪتي وانگر چوڪيداري ڪندا، مالڪ جي عزت افزائي لاءِ يونڪندا ۽ ٻين کي ڏاڙهيندا ۽ هڻا. خوبصورت پالتو پکين وانگر انسان به مالڪ جي دل ۽ جسم کي خوش رکندا هئا، اهي سپاهين جي صورت ۾ مرڻ لاءِ به پاليا ويندا هئا." اهي قديمي دور جون روايتون اسان جي سماج ۾ اڄ به موجود آهن. "ٻيو ڪنهن کي چوان" ڪهاڻي ۾ ماءُ کي علاج خاطر چئواتي تي پنڻ لاءِ چڏيندڙ پٽ جو ڪردار آهي، بک بدحالي ۽ انساني رشتن جي تقدس جي پائمالي کي هن ڪهاڻي ۾ ڏسي سگهجي ٿو. "هنياءَ ۾ ڇُهنبي" ڪهاڻي سياستدانن، وزيرن، مشيرن جي مختلف اهم مسئلن کي سطحي ۽ ڪل جوڳن بيانن مان هڪ بيان جي پس منظر ۾ آهي. "ٻي باهه" ڪهاڻي ۾ ڪهاڻيڪار جن ٻن باهين ۾ رخسانه جي ڪردار کي جلندي ڏيکاريو آهي اها هڪ اهڙي سماج ۽ فرد کي ظاهر ڪري ٿي جنهن ۾ تهذيب، قدر، اخلاقيات، انسانيت ۽ غيرت سڀ ڪجهه ختم ٿيل آهي، پوسٽ ماردنزم صورتحال جي هڪ جهلڪ هن ڪهاڻي ۾ ڏسي سگهجي ٿي. انسان شين ۾ سڀ ڪجهه وڃائي چڏيو آهي، پاڻ به شئي آهي، ٻئي کي به شئي سمجهي ان کي استعمال ڪرڻ سندس شديد خواهش آهي. "نوان دروازا" ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جي شخصيت ۽ ڪم تي تاثراتي مضمون آهي. "فرق"

ڪهاڻي انسانن ۾ پکين ۾ فرق کي ظاهر ڪري ٿي، پکين ۾ ايڪا به ساڃاهه آهي، پر انسانن مان انسانيت موڪلائي چڪي آهي. "گوشت ورهائجي ويو" ڪهاڻي ۾ اصل انسانيت ورهائجي وئي آهي کي ظاهر ڪيو ويو آهي، مفادن، خودغرضي ۽ لالچ ۾ مذهبي فرض ۽ قرباني جو گوشت صرف ڏيکاءُ آهي، مفاد ۽ فائدو ئي حقيقت آهي. "سمڪ" ڪهاڻي ۾ عورت جي مزاحمت ۽ پنهنجي حق لاءِ بغاوت ۽ اڌاريل آواز کي مانُ ڏنو ويو آهي، پر جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا، اتي اهڙيون حقيقتون هڪڙو خواب ۽ خيالي محسوس ٿين ٿيون، پر ائين ضرور آهي ته جيڪڏهن گهر جي وڏي کي وقت تي چگي سمڪ اچي وڃي ۽ ان لاءِ کي مضبوط سبب پيدا ٿين ته بهتري اچي سگهي ٿي، هونئن ليڪڪ جو ڪم به حالتن جو شعور ڏيڻ آهي. جيئن پائلو ڪوهلو لکي ٿو "پوري اعتماد سان پنهنجي خيالي دنيا جي صندوق کوليو ڪنهن به هڪ شخص جي همت ٻڌي جي همت بڌجي گڏيل ويساهه جو احساس بڌجي ايري پوندي." "هٿ جو پير" ڪهاڻي هٿ جي ناهيل پيرن جي ڪٿا آهي، پر آخر ۾ پوليس ۽ آثار قديمه وارن جي مدد سان هٿرادو پير قادن جي گرفتاري جا واقعا تمام گهٽ ٿين ٿا. پر ممڪن آهي. "ٿج نه بخشيندياسانءِ" مائرن جي ٿج نه بخشڻ جي ڏمڪين عيوض اغوا ڪار مغوين کي آزاد ڪري ٿو. ٿي سگهي ٿو اهڙو ڪو اغوا ڪار هجي، مگر هن قسم جو غير انساني عمل ڪندڙ ماڻهو گهڻو ڪري بيحس هر رشتي ۽ احساس کان خالي هوندو آهي، پر سماج ۾ جيڪڏهن انهن تي ملامت شروع ٿئي ۽ خاص طور تي اهڙن ويجهن رشتن کان ته سندن تبديلي جو امڪان موجود آهي. بيروزگاري به هڪ اهم سبب آهي ان قسم جي واقعن ٿيڻ جو. "وري نه ٿيندو" ڪهاڻي زال مڙس جي جهيڙي ۽ علحدگي سبب هارن لاءِ پيدا ٿيندڙ مسئلن ۽ سندن تعليمي نقصان کي ظاهر ڪري ٿي. آخر انهن جي ئي ڪري عدالت ۾ پرچي پون ٿا. "قانون جو مانُ" ڪهاڻي ظاهر ڪري ٿي ته قانون جو مانُ هيٺن ۽ ڪمزون تي سختي ڪرڻ جي ذريعي ئي مٿي ڪيو وڃي ٿو. ايڊز جو ڪارڻ هيروئنن کي سمجهندڙ قانون به چگي طرح ڄاڻي ٿو. ته هيروئن

جو وکرو ڪير ٿو ڪري، غلط علاج ڪيئن ٿئي ٿو. اصل سبب ڪهڙا آهن. انهن کي ختم ڪرڻ ۾ اصل مجرمن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ هيٺن تي ئي قانون لاڳو ڪيو وڃي ٿو. "مهين جي ڏڻي جا وارث" ڪهاڻي قيد خانن ۾ لائبريري جي قيام جي علم کي ظاهر ڪري ٿي ۽ ان جي ذريعي سڌاري ۾ نئين تهذيب جي جنم جا امڪان پيدا ٿين ٿا، تڏهن ئي مهين جي ڏڻي جا وارث دنيا ۾ ظاهر ٿي سگهن ٿا. "مت" ڪهاڻي گهر ۾ سس ننهن جي روايتي جهيڙي کي پيش ڪري ٿي، وقت ۽ حالتن کي سامهون رکندي سسُ کي هار ميڙي پوي ٿي. "ڇڪ پنڌ ڪي" ڪهاڻي وياج جي ڪڏي ڪاروبار ڪندڙ ڪردار کي ظاهر ڪري ٿي. ٻئي طرف مسڪين پورهيت طبقو آهي جيڪو وڏ ۾ وڏ متاثر ٿئي ٿو، جنهن وٽ ڪا ٻي واهه نه آهي. "جاءِ" ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاري، ۾ پرپور احساس ۽ تاثر کي ايارينڊڙ ڪهاڻي آهي. مجبور پيءُ سڄي عمر مزدوري ڪري ٻچن جو پيٽ پاليو، وڏڻ جي جاءِ کي سنياليندو آيو. اولاد پنهنجي همت سان ڪجهه ڪرڻ بجاءِ ٻڍي پيءُ کي آخر ۾ اڪيون ڏيڪاري جاءِ وڪرو ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. "ڪيئن اڪيون ٻوٽيندي" ڪهاڻي رشتو طئه ٿيڻ کان اڳ رت جي ٽيسٽ جو شرط رکندڙ ڊاڪٽرياڻي شهناز جي ڪردار ذريعي صحت مند سوچ جو پيغام ڏئي ٿي. "اندازو لڳاءِ" ڪهاڻي جڳاڙي سماج جي تباهي جي اصل سببن کي ظاهر ڪري ٿي. پنڪچر وارو ميڊيڪل اسٽور هلائڻ کان پوءِ علاج ڪرڻ ۾ شروع ڪري ٿو. سنڌ ۾ ننڍين وڏن شهرن ۾ اهڙا ڪيترائي سيڪڙا انساني حياتين سان کيڏي رهيا آهن. هڪ طرف دوائون نقلي، ٻئي طرف علاج ڪندڙ جڳاڙي نتيجي ۾ بيماريون گهنجڻ بجاءِ وڌي رهيون آهن. "نقل" ڪهاڻي ۾ هارن جي تربيت ۾ گهرو ماحول ۽ وڏن جي عمل کي ظاهر ڪيو ويو آهي، سگريٽ پيئندڙ مختلف مرضن سان جهيڙيندڙ جو ٻار ۾ اهو ئي نقل ڪري ٿو. عادتون ۽ جبلتون نسلن تائين منتقل ٿيندڙ رهن ٿيون. ڪهاڻيڪار وقت تي بري عادت ڇڏائڻ وارو عمل ڪهاڻي ۾ ڪرائي ڏيکاريو آهي، "خفيه ڏنڊو" ڪهاڻي سماج ۾ مسيحائي گهرن ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ واقعن

کي ظاهر ڪري ٿي، جتي معصوم تازن ڇاول ٻارن جو ان حد تائين وڪرو ٿئي ٿو جو مئل ٻار جيئرو ڇڪيندڙ ماءُ جي حوالي ۾ جيئرو ٻار ڇڪيندڙ ماءُ کي مُئل ڏنو وڃي ٿو. "فوتي ڪوتا" ڪهاڻي ۾ پٽ کي سرڪاري ڪاتي ۾ نوڪري ڏيارڻ لاءِ حڪومت جو مقرر ڪيل قائدي تحت پيءُ کي خودڪشي ڪرڻي پوي ٿي. رشوت خوري ۾ سفارشي ماحول ۾ ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جي باوجود مائٽ ٻارن جي روزگار لاءِ پريشان رهن ٿا. "انڌير نگري" ڪهاڻي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ايڇ آءِ وي ايڊز جي موذي مرض پکڙجڻ جي هڪ اهم سبب کي پيش ڪري ٿي. "پهڙ ۾ پيچرو" بيروزگار انجنيئر جي درد ڪٿا آهي، "صدقو" ڪهاڻي علاج بجاءِ صدقي ڪيڻ واري عمل کي ظاهر ڪري ٿي. "بک ڪونہ پنايون ها" ڪهاڻي استاد جي منصب کان وڌيڪ مختيارڪاري واري عهدي جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿي ۽ ان جا سبب سيني جي سامهون آهن. "انصاف جي پيل" ڪهاڻي ۾ جرڳائي نظام ۾ انصاف جي ٽيل پيل کي ظاهر ڪري ٿي. محبت جي شادي ڪندڙن تي نہ رڳو ڳري چٽي رکي وڃي ٿي پر "ڪارو ڪاري" جي الزام هيٺ ڪين مارڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. "لازمي سنڌي هيئن پڙهائجي" ڪهاڻي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي نجي اسڪولن ۾ پڙهائڻ جو عملي طريقو ٻڌايو ويو آهي، محمد علي ٻناڻ جي ٻين ڪهاڻين ۾ نياڻين جي تعليم، ڪاروڪاري جا واقعا، سوشل ميڊيا جون ڪوڙيون دوستيون ۽ دوکا، شڪي مزاج مرد، عورتن جي حقن کي ظاهر ڪندڙ ڪهاڻيون شامل آهن. ڪتاب جي نالي واري ڪهاڻي "طوفان ۾ ڪڪائون گهر" هڪ سچي هڏڙوکي ۽ مخلص ڪردار کي ظاهر ڪري ٿي جيڪو سماج کي هر جاءِ تي نفعو ڏئي ٿو، پر هن لاءِ موت ۾ڪجهہ بہ ناهي نتيجي ۾ سندس وفات تي سندس گهر جي حالت طوفان ۾ ڪڪائين گهر واري وڃي رهي ٿي. ان کان علاوه سندس ڪهاڻيون، جڳاڙي ڊاڪٽرن، ملڪ ۾ بہ اڪيائي جنهن ۾ ٻڌا قانون، وٽڪاري جا سڪٽا اعلان، ڪاپي ڪلچر کي هٿي ونائيندڙ ڪردار، معصوم ٻارن تي ٽيندڙ تشدد، لا علاج بيمارين ۾ ورتل انسانيت سان همدردي، وڏن شهرن ۾ تشدد

ڪري پنهنجي ننگن کي پنائيندڙ، پيار جي پرٽو ڪندڙ گهرن ۾ اجائي انا ۽ ضد ۾ ٽيندڙ نقصان، پنهنجي ئي گهرن ۾ چوري ڪندڙ ناڪاره ڪردار، زور ۽ زبردستي جون شاديون، واءِ فاءِ بند ڪرڻ تان ماءُ پيءُ کي زهر ڏيندڙ ٻار، پينشن لاءِ آفيسن ۾ ڌڪا کائيندڙ پروفيسر ۽ دوستن جي عجيب هجتن تي مشتمل ڪهاڻيون شامل آهن.

محمد علي هلندڙ دور جي ٻرندڙ مسئلن کي کنيو آهي، مرندڙ قدرن (Values) کي آڪسيجن ڏئي جياري ٿو، اوندهه ۾ پنهنجي حصي جي روشني پيدا ڪئي آهي. پناڻ صاحب جي ٻولي سادي ۽ پڙهندڙ کي آساني سان سمجهه ۾ ايندڙ آهي. مختصر ڪهاڻي ۾ ڪردارن جي سچاڻپ واقعي يا احساس کي ايارڻ جو ڏاڻ اٿس. ٻر پاسي جي حالتن تي گهري نظر رکندڙ آهي، پوسٽ ماڊرنزم صورتحال جيڪو ماحول پيدا ڪيو آهي، محمد علي شعوري طور يا لاشعوري طور ان جا عڪس چٽيا آهن، اڄ جي دور جو اهو ڪهاڻيڪار آهي جنهن جو قلم انسان دوست طبيب جو (Stato scope) آهي جيڪو هر ڏکايل مرض ۾ ورتل فرد ۽ پوري بيمار سماج جي مرضن کي جانچڻ ۽ ان جو علاج ڪرڻ چاهي ٿو. سندس ڪهاڻيون ٻرپور سماجي ڪارج ادا ڪن ٿيون. سندس تحريرون سنڌي ادب جو اهم اثاثو آهن. ڪٿي ڪٿي هلندڙ دور جي اهم مسئلن کي لکندي ڪهاڻي مان ڪهاڻي پٽو ختم ڪندي سڌي ڳالهه ٻڌائي ويو آهي، پر ائين تمام گهٽ آهي. هي سماج جنهن ۾ هر ڇڳائي سڙي ٻري ختم ٿي رهي آهي. محمد علي انهيءَ ٻرندڙ باهه تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ڪجهه بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪهاڻيڪار آهي جيڪو وقت ۽ حالتن کي نظر ۾ رکندي لکندو اچي پيو. هي مجموعو سندس اڳين تحريرن جيان سنڌي ادب ۾ ضرور پنهنجي اهميت ميڙائيندو.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

سنڌي شعبو، سنڌي يونيورسٽي

ڄام شورو

سماجي سائنسدان ۽ نقاد
کھاڻيڪار: محمد علي ٽالپر

کھاڻي سماج مان جنم ورتي ٿي. کھاڻيڪار بنيادي طور تي سماجي سائنسدان ٿئي ٿو. هو سماجي سائنسدان هڪ سان گڏ سماجي نقاد به هوندو آهي. کھاڻيڪار سماج کي عام ماڻهن کان مختلف انداز ۾ ڏسي ٿو. کڏهن کڏهن کھاڻيڪار پاڻ کھاڻين جو ڪردار هوندو آهي ته کڏهن وري هو پاڻ کي کھاڻي کان پري رکي ڪردارن جي اٽڪ ڪري ٿو. هن جي سامهون سمورو سماج هوندو آهي. رونما ٿيندڙ واقعا، فرد جا احساس، انهن جو عمل، ردعمل، سياسي صورتحال، معاشي مسئلا، سماجي قدر، سوچ جا دائرا ۽ ٻيو گھڻو ڪجھ هن جي کھاڻين جو موضوع بڻجي وڃن ٿا. هو کھاڻيون لکي ٿو: بلڪ کھاڻيون چوندي ٿو. هن وقت "هر شخص کھاڻي آ" کان صورتحال گھڻو اڳتي نڪري چڪي آهي، ۽ صورتحال "هر شخص کھاڻيون آ" تائين پهتي آهي. هڪ شخص پاڻ سان پنهنجا ڪيترائي روپ کڻي هلي ٿو. هو سماجي جار ۾ رهي ٿو. هن جي چوڌاري ڪردار آهن. هو ڪن ڪردارن سان سچو آهي، ڪن سان ڪوڙو آهي، ڪن سان پيار ڪري ٿو، ڪن سان نفرت ڪري ٿو. ڪن تي پاڻ گھوريڻ چاهي ٿو. ڪن کي پاڻ ماريڻ چاهي ٿو. تعلقات ۽ لاڳاپا مشروط يعني ڪنڊيشنل بڻجي ويا آهن. پوسٽ ماڊرن ازم جي يونچال احساسن سان پريل ماڻهوءَ کي به عام واهپي جو وکر ڪري ڇڏيو آهي. هن جي سامهون کاپائو ثقافت آهي. هر رشتو مطلب پورو ڪرڻ ۽ ڪجھ ماڻڻ، چوڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي دوڙ ۾ آهي. پر ان سموري صورتحال ۾ شاهه سائينءَ چواڻي "ايا ڪي آهين، جي سزاوار سگھين جا، وينا وڃائين جي سنياسي سڏئين."

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انهن وڃائڻ وارن ۾ سماج جي نگاهه ۾ "سزاوار ٽيڻ وارن" قلم ڏٽين ۾ محمد علي ٻناڻ جو وڏو نالو آهي. هو پنهنجي شاعري، ڊرامن ۽ کهاڻين ۾ سماجي سائنسدان بہ آهي تہ سماجي نقاد بہ آهي. سندس کهاڻين ۾ هڪ فکر آهي، هڪ سوچ آهي، هڪ ڏاهپ آهي، ۽ هر کهاڻيءَ ۾ هڪ اشارو آهي. اهو اشارو جنهن لاءِ شاهه سائين چيو هو، "وينا وڃائين، جي سنياسي سڏئين" محمد علي ٻناڻ جي کهاڻين کي سامهون رکي اسان پنهنجي سماج جو چهرو درست ڪري سگهون ٿا. هن جون کهاڻيون اسان جو آئينو آهن. جنهن ۾ اسان جي سماج جا سڀ نقش چٽا نظر اچن ٿا. هو جڏهن کهاڻي "فرق" ۾ چوي ٿو تہ "بگهڙن ۽ اسان ۾ هاڻي ڪو فرق ئي نہ رهيو آ...!" تہ اها چوٽ تہ سماج جي ڪرندڙ قدرن جي منهن تي زوردار چمات آهي. جنهن جي ڏک جو اثر ۽ آڳرين جو نشان هر ان مڪروهہ چهري تي چٽو ٿي بيهي ٿو جيڪو ٻاڻ جهڙن انسانن کي ستائڻ جي ڪڏي روش ۾ رڌل آهي. اها کهاڻي پڙهڻ سان برفيلي علائقن جي اها ڳالهہ ڪنهن فلم وانگر منهنجي ذهن تي ترڻ لڳي جنهن ۾ چيل آهي تہ برفيلي مند ۾ بگهڙ قطار ڪري ويهندا آهن، ۽ هو سمهندا ناهن، مسلسل الرٽ رهندا آهن، ان وچ ۾ جيڪڏهن ڪنهن بگهڙ کي ڪو هلڪو بہ ننڊ جو گهيرٽ يا جهوٽو اچي ويو تہ ٻيا بگهڙ هڪدم مٽس حملو ڪندا ۽ کيس چيري ڦاڙي کائي ڇڏيندا. ان بگهڙ کي کائڻ کان پوءِ باقي بگهڙ وري قطار ڪري ويهندا ۽ ڪنهن بي بگهڙ کي ننڊ جي جهوٽي اچڻ جي انتظار ۾ هوندا. هو اهو عمل مسلسل ورجائيندا رهن ٿا تان جو آخري بگهڙ وڃي بچندو آهي. اسان جي سماج جي لاءِ محمد علي ٻناڻ جو اهو جملو هڪ وڏي تنقيد آهي تہ "بگهڙن ۽ اسان ۾ هاڻي ڪو فرق ئي نہ رهيو آ...!"

سندس بي کهاڻي "هنيانو ۾ چُهنڀي" ۾ بہ هڪ تنقيد آهي. پر سندس اها تنقيد مجموعي صورتحال بدران "وس وارن" تي آهي. جن جي بي حسيءَ سماج کي وڏا هاڃا رسايا آهن. اردوءَ جي ڪرشن چندر کان وٺي سنڌيءَ جي نسيم کرل تائين سيني وڏن کهاڻيڪارن پنهنجين کهاڻين ۾ "وس وارن" تي تنقيد ڪئي آهي. صورتحال کڏهن کڏهن

هڪجهڙي تي پوي ٿي. ڇاڪاڻ ته هتي "وس وارن" جو ڪڙم قبيلو ساڳيو ئي آهي پوءِ اهو ايوانن ۾ ويٺل هجي يا ڪنهن ڪيٽي يا وڏي سرڪاري ڪرسي تي ويٺل هجي. هو هڪ ٻئي جهڙا ٻه آهن ته هنن جون همدرديون ٻه هڪجهڙن سان آهن. ٻئي پاسي هينيون طبقو آهي. هنن جا ڏک سور ساڳيا آهن. شيخ ايياز چواڻي "پورهيت لئه پرديس ٻه ساڳيو ديس ٻه ساڳيو" ڪرشن چندر جڏهن "جامن ڪا پيڙ" (جمونءَ جو وڻ) ڪهاڻي لکي ته گهڻا "وس وارا" ڪاوڙيا هئا. ڪاوڙيا هئا ته اڳي جي ڳالهه ٿي وئي پر هاڻي تازوان ڪهاڻي ڪي نصاب مان اهو چئي ڪيڙايو ويو آهي ته اها ڪهاڻي "وس وارن" جي بيوسي تي چٽر ٿي ڪري. ان ڪهاڻيءَ ۾ سيڪريٽريٽ جي آڪر ۾ ٻيٺل جمونءَ جو وڻ اتان لنگهندڙ ڪنهن راهگير تي ڪري پوي ٿو. ۽ چوڪيدار اچي ڏسي ٿو ۽ سيڪريٽريٽ جا ملازم گڏ ٿي وڃن ٿا ته پهريان ته هو وڻ جي هڪ ڳري ڏار/لام هيٺان دٻيل ماڻهوءَ ڏانهن ڏسن ئي نٿا. هنن کي جمونءَ جي وڻ جي ڪرڻ جو افسوس ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته هو هر مند ۾ ان جا جمون ڪائيندا هئا. نيٺ ڪوئي ان چنگهندڙ ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ۽ هو ان ڏانهن ڏسن ٿا جيڪو مرٽينگ ٽيو پيو آهي. ملازمن جي هجوم مان ڪوئي ان ماڻهوءَ کي ڪيڙ جي ڳالهه ڪري ٿو ته سڀ چون ٿا هي ڪو عام وڻ ناهي؛ سيڪريٽريٽ جو وڻ آهي، جنهن جي چڪي فلاڻي ملڪ جي ايلچي هنئي هئي وڻ کي پري ڪرڻ يا وڍڻ معنيٰ ان ملڪ سان لاڳاپا خراب ڪرڻ. سو هو اهڙو ڪم نٿا ڪري سگهن. پوءِ وڻ پاسي تي ڪرڻ لاءِ هڪ فائيل ڍوڙي ٿو جيڪو ڊپٽي سيڪريٽري، ايڊيشنل سيڪريٽري، سيڪريٽري ۽ چيف سيڪريٽري کان ٿي وري ساڳين پيرن تي موٽي ٿو. وڻ جي هيٺان آيل همراهه جيئن ته هڪ شاعر آهي ان ڪري اهو فائيل وري ڪلچر ڊپارٽيمينٽ وڃي ٿو. محڪمه باغات وڃي ٿو ۽ نيٺ "اعليٰ اختياريون" / "وس وارا" وڻ هٽائڻ جي منظوري ڏين ٿيون پر تيسيتائين شاعر ويچارو مري وڃي ٿو. ساڳي ڳالهه نسيم ڪرل جي مشهور ڪهاڻي "چوٽيهين در" ۾ ٻه آهي، جنهن تحت سڪر ٻڙاج جي چوٽيهين در ۾ ڪنهن عورت جو لاش قاتل ڏسي گيج ريڊر ان جي فرياد داخل ڪرائڻ لاءِ سڪر ۽ روهڙي

ٽاٽن جي وچ ۾ ڊوڙندو ڊوڙندو نيٺ ٽڪجي پوي ٿو ۽ حد جو مامرو ڄاڻائي هن کان فرياد ڪوئي نٿو وڻي ۽ هو چوٽيهين در ۾ قاتل لاش لوڙهي ڇڏي ٿو. ڪرشن چندر جي ڪهاڻي، "جمون جو وڻ" ۽ نسيم ڪرل جي "چوٽيهون در" "وس وارن" جي بي حسي تي آڏاريل آهن. ساڳيءَ ريت محمد علي پٺاڻ جي ڪهاڻي، "هنيانو ۾ ڇُهنڊي" ۾ ڪمال جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ موجوده سماج ۾ هيٺين طبقي سان ٿيندڙ انيائن ۽ متئين طبقي جي سرد مهري جو ڪچو چٽو درج ٿيل آهي. چتي ڪتي جو ڏاڙهيل ٻار ماءُ جي هنج ۾ تڙپي مري ويجي ٿو ۽ حڪومت جي اهم منصب تي ويٺل صحت ڪاتي جي صوبائي وزير بيان ڏئي ٿي ته "اسان ٻار سنياليون يا ڪتا...!" محمد علي پٺاڻ جي ان ڪهاڻيءَ جو هيءُ ٽڪرو تمام گهٽو اهم آهي: "

"ڪير ڪيڇي سائين، ڪير پيڇي، لاڏلي حاڪم جو آ. تڏهن ته رڳو اهو ئي نه پر سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ ڪتن کان ڏاڙهجندڙ ماڻهن جي بچاءَ لاءِ ڪورٽ پاران جلد رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ ڏنل حڪم جي موت ۾ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ ۽ بلدياتي ڪاتي کي ڪتا مار مهم جو پابند بڻائڻ بجاءِ پنهنجو غير منطقي عقل ڊوڙائي ڪتن جي نسبندي جو حڪم ڪيو اٿئين. جنهن تي عمل جي شروعات ٿي چڪي آ. هاڻي ٿورو پنهنجي دل تي هٿ رکي ٻڌاءِ ته ڪاڏي ڪتن جو ڏاڙهڻ ۽ ڪاڏي نسبندي؟! ملي ٿي ڪا پاڻ ۾ بنهي جي ٽُڪَ..." "اِهواِتي، ٻيو ڊينگي مڇر جي مرض ۾ هزارين ماڻهن جي مبتلا ٿيڻ ڪانپوءِ بجاءِ سنڌ ۾ مڇر مار ڦوهارو ڪرائڻ جو حڪم ڏيڻ جي ان جو توڙُ پنهنجي سمجهه سان اهو ڪيو ٿئين، ته سامونڊي مڇيون ڪيڏي سنڌ جي ڏنڍن ۽ درياهن ۾ چڏيون ويندیون. جيڪي ڊينگي مڇر جا آنا کائيندیون، ته نه اهو مڇر پيدا ٿيندو، نه مرض!..."

وس وارن جي بيوسيءَ يا بي حسيءَ تي اهڙي گهري ۽ ظريفاٽي تنقيد شايد ئي ڪوئي ڪري سگهيو هجي. جنهن ۾ هڪ طنز به آهي ته دانهن به آهي. هيءَ اها طنز ناهي جنهن ۾ ڪنهن جي تذليل يا ٽوڪ لڪل آهي بلڪ هيءَ اها طنز آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ايريل ٽهڪ ڪي

نپوڑبو بہ تہ لڑک ٹمي پوندو.

محمد علي ٻناڑ جي هر کهاڻي انتهائي اهم آهي. هو سماج جي انهن گوشن ۽ پاسن ڏانهن آڳر سيجي ٿو جيڏانهن عام ماڻهوءَ جي اک نٿي کچي. هو پنهنجي کهاڻين ۾ اهڙن مامرن کي کڻي ٿو جيکي توڙي جو اسان جي چوڌاري رونما ٿين ٿا، پر اسان جي توجهہ شايد انهن ڏانهن مرکوز نٿي ٿئي. سندس هڪ کهاڻي "ٻي باهہ" بہ ان حوالي سان تمام گهڻي اهم آهي، جنهن ۾ هڪ عورت پنهنجي مڙس جي خلاف ان کري دانهي ٿي جو هن سندس نازيبا ويڊيو ناهي آهي، ۽ هو کيس بلئڪ ميل کري ٿو. اسان جي چوڌاري اهڙا کيئي واقعا ٿين ٿا ۽ روز اخبارن ۾ بہ انهن جون سرخيون ڇپجن ٿيون پر آئون پانيان ٿو تہ سنڌي کهاڻيڪارن ۾ شايد محمد علي ٻناڑ اهو پهريون کهاڻيڪار هجي جيکو انهن عام سماجي مامرن کي کهاڻين ۾ کڻي آيو آهي؛ بيشڪ هو سماجي سائنسدان ۽ سماجي نقاد کهاڻيڪار آهي. سندس کهاڻيون اسان جي سماج جو نہ صرف عکس پيش کن ٿيون بلکہ انهن ۾ سوچ ۽ فکر جو هڪ سڏ بہ لکل آهي، جيکو جيکڏهن اسان کنائي ورتو تہ سماج جا بگڙجندڙ قدر سنيالجي پوندا. هڪ وڏو کهاڻيڪار اهوئي کري سگهي ٿو جيکو محمد علي ٻناڑ کري رهيو آهي. توڙي جو سندس "کوتا ناول" وارو تجربو پڻ انوکو آهي، ۽ شايد ئي بي کنهن ليکڪ اهو تجربو کيو هجي يا سندس شاعري، کهاڻين، ناولن، ڊرامن ۽ ٻين موضوعن جا چيپيل پندرنهن کتاب ۽ مختلف موضوعن تي سندس اڻ چيپيل ويهارو کن کتاب بہ وڏي اهميت رکن ٿا. پر آئون پانيان ٿو تہ سندس پورهيو ان کري سينيءَ کان نمايان ۽ نرالو آهي جو هو سائنسي بنيادن توڙي لاجڪ سان سماجي مامرن ۽ سماجي قدرن کي نبيري ٿو. سندس لکٹيون سنڌي سماج جو اهڙو آئينو آهن جن مان اسان کيترين ئي لکل پيڙائون محسوس کري سگهون ٿا. هو سنڌي ادب کي مسلسل املهہ موتي ڏئي رهيو آهي. سندس هيءُ کتاب ان ڏس ۾ اهم اضافو آهي.

ڊاکٽر شيرمهراڻي

سنڌي شعبو، کراچي يونيورسٽي.

کھاٹیون

محمد علي پناڑ سجاڳ ۽ سچاڙ ليکڪ آهي. پورهيت ۽ پيڙهيل طبقي جا ڏک درد ڪٽي انهن کي وڏي سچائيءَ سان ڪهاڻين جو روپ ڏئي ٿو. هن جون اهي Drabble ڪهاڻيون پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ تي اثر انداز ٿين ٿيون. هونئن به محمد علي پناڑ جو قلم هميشہ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ خلاف لکندو رهيو آهي.

- اشتياق انصاري

خدا حافظ...

"سر، مان راحيلہ ٿي ڳالهايان. جيڪا ٻہ سال اول اوهان وٽ انگريزيءَ جي ٽيوشن پڙهندي هئي. جنهن کان ٻين سڀني شاگردياڻين ۽ شاگردن سميت اوهان پنهنجي ان نرالي اصول تحت ڪڏهن ٻہ پئسا نہ ورتا، تہ تعليم نيڪي آهي، جنهن لاءِ ڪو ٻہ معاوضو نہ ونبو آهي..."

"جي بابا..."

"پهريان تہ ان ڳالهہ جي معافي ونان، تہ مون اوهانکي رات جو ديرسان فون ڪئي آهي..."

"ڪا ڳالهہ ناهي. مان هونئن ئي لکڻ پڙهڻ وارو ماڻهو آهيان، دير سان سمهندو آهيان. چئو ٻچا..."

"سر، مون جڏهن اوهان وٽان علم جا ابتدائي سبق ورتا هئا، تڏهن کان مان اوهان کان ڏاڍو متاثر رهندي آئي آهيان..."

"مهرباني بابا..."

"سر، مون تڏهن کان ئي اوهان سان پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪرڻ پئي چاهي. پر ڪڏهن ٻہ اها همت ڪري نہ سگهيس..."

"خير جي ڳالهہ؟!..."

"اوهان ۾ جيڪي خوبيون آهن، سچ پچ سر، اهي مونکي دنيا جي ڪنهن ٻہ ٻئي ماڻهوءَ ۾ نظر ئي نہ آيون آهن..."

"اها اوهانجي ذره نوازي آهي. ورنہ مونکان ٻيا الائي ڪيترا گهڻا گهڻا بهتر ۽ اعليٰ خوبين جا مالڪ هن جهان ۾ موجود آهن بابا. جن جي اڳيان مان تہ بلڪل ٻہ ڪجهہ ئي نہ آهيان..."

"سر، مان اوهانکي پنهنجي دل جو راڻو ٿي سمجهان ۽ شريڪ حيات بڻائڻ جي خواهشمند آهيان..."

"هوش ڪيو ڏيءَ، اوهان منهنجي وڏي نياڻيءَ جي عمر برابر آهيو. مونلاءِ اهو سوچڻ به ڪبيرا گناهه آهي..."

"سر، مون اوهانکي پنهنجي مجبوري ٻڌائي. مونکي پنهنجي حياتي اوهان کانسواءِ هر لحاظ کان اڌوري ٿي لڳي. مهرباني ڪري منهنجي زندگيءَ جو اهو وڏو خواب ساڀيا ڪيو..."

"بابا، اوهان پنهنجي مائٽن کي چئو ته ڪو چگو صاحب حيثيت چوڪرو اوهان لاءِ چونڊين. جنهنکي اوهان به پسند مان گذاريو. پوءِ ڪڏهن به اوهان نه ڪنهن خوشفهميءَ ۾ رهندئو نه ئي زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي پڇتاءَ جو احساس ٿيندوَ..."

ائين چئي پروفيسر آخري لفظ اچاريا، "خدا حافظ..."

بخشِش...

شاهوڪار گهر جي وارث احمد خان سخا جو گڙ اول پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کان پرايو. اکين جو ڊاڪٽر ٽيندي ئي پنهنجو پاڻ سان عهد ڪري ڇڏيائين، ته يا عمر ماڻهن جو علاج مفت ڪندو ۽ شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اکين جي علاج جون ڪيمپون لڳرائي مريضن کي نظر جا چشما ۽ لينسس پنهنجي کيسي مان ئي مُهيا ڪري ڏيندو.

عمر جي سائيڪو سالن ۾ پهچڻ باوجود سرگرمي ساڳئي جذبي سان جاري رهندي پئي اچيس.

ڪچي جي ڳوٺ روحل ۾ ڪيمپ لڳرايائين. جتي هميئر پيءُ وزير کي ڪٽي آيو. جنهن کان نظر موکلائي وئي هئي. ڊاڪٽر اکين ڏانهن هَٿَ وڌايس، ته وزير کان دانهون نڪري ويون. تڏهن هڪدم هميئر ڏانهن ڏسندي ڪاوڙ ۾ پچيائينس، "هي چا ٽيئي؟"...

"پيءُ آ سائين..."

"شرم نه آيئي، جو هيترو وقت لاپرواهُ رهئين ۽ موتيي پاڻيءَ لهي نظر ختم ڪري ڇڏي ٿَس..."

هميئر جون اکيون پرجي آيون. وراڻيائين، "سائين، مان سعوديءَ هُيس. پويان بابي ٻڌايو ئي نه. جڏهن ٻين وٽان ڪُڙڪَ پئي، ته سيڙجي ان لاءِ ئي آيو آهيان. شهر ڏي ڪڍايون پئي ويومانس، ته هڪ ڳونائيءَ هن ڪيمپ جو ڏَسُ ڏنو ۽ اوهانجي هَٿَ شِفا جي واکاڻ ڪيائين، تڏهن هتي آندو ٿمانس..."

ڊاڪٽر اهو ٻڌو، ته ڪاوڙ تي ٻاجهه غالب پيس، "هي ٻُڙا ۽ دوائون پندرهن ڏينهن استعمال ڪرائي، فون نمبر ڏيانءِ ٿو. ان تي رابطو ڪري ونِي اچجانس. آپريشن لائق ٿيندو، ته ڪري ڇڏيندوسانس..."

....

همير ائين ڪيو. پوءِ وزير ڪي وٺي ڊاڪٽر وٽ ويو، تہ ان آپريشن ڪري ٻنهي اکين ۾ لينس لڳائي ڇڏيس.

جنهن ڏينهن وزير جي پٽي ڪُلي ءِ هن رنگ سڃاڻڻ شروع ڪيا، تہ همير خوشيءَ ۾ روئندي ڏنڊيڪرن ۾ پئجي ويو. ڊاڪٽر جون اکيون بہ پرجي آيون. ڏکندڙ چپن سان چيائينس، "ان ڏينهن آپي مان نڪري توکي بي شرم چيم. جنهن لاءِ يڪو پاڻ تي وڏي ملامت ڪئي اٿم. ان جي مونکي معافي ڏي، جيئن مالڪ وٽ بخشِش ٿئي..."

بادشاهي ڪرسي....!

اوطاق ۾ وڏيري نيڪ خان کٽ تي سِڌو ٿي ويهندي ڪمدار ڏني کي چيو. "پنهنجي بادشاهيءَ ۾ توکي ڪنهن شيءِ جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي؟..."

"مونکي ته نه ٿي لڳي سائين، راڄ پاڻ ۾ اوهانجو ساڻيو ئي مرتبو. ڪڙمي ڪاسبي اونئين پَتَ ٿي. فيصلا ڪڙا ۽ جرڳا اڳي کان اڳرا. ٽاٽي تي فون جي ديرِ. صوبيدار پاڻ حاضر. ملڪيت ۾ به وڌو اضافو. پاڻاري ۽ چورَ سَرَٿُون سَرِ. باقي ڇا جي کوٽ پوتار؟!..." ڏني وراڻيو.

"آهي. سوچ. ٽڏو ٿي سوچ. پوءِ جواب ڏي..."

"ڳوناٽيون ۽ شهر جون چوزڙيون هونئن ڪنهن ماسي مڙهيءَ جي نياپي تي اوهانجي کٽ جي چادر بٽبيون هُيون. هاڻي ته موبائيل تي هَٽُ ٽارَکو. ته اک چنبي ۾ سپ ڪجهه ٿي وڃي ٿو..."

"ايجا نظر گوڏي تي ٽُئي نه. چَٽُ ٽِڪي چڙهي..."

"چڙهي بابا..."

"اها تو واري ڏيءُ ڪامُل جڏهن کان ساماڻي آ، مونکي پنهنجي بادشاهي صفا اڏوري ٿي لڳي. چوريءَ هوش ئي اڏائي ڇڏيا آهن..."

ڏني جو مُنهن ٽامٽي هٽي ويو. ٽٽل لفظن ۾ چيائين، "سائين، ٻچو ٿَو..."

"اهو ته تنهنجو نه، منهنجي ته راڻي نهندي. ڪَنَ نه؟..."

"سائين، توهان بابي کان پي وڏي عمر جا ۽ هوءَ..." ڏنو اڳتي ڳالهائي نه سگهيو.

"اڙي، بادشاهن جون به عمريون ڏِسبيون آهن ڇا، هان؟ ها، ڪرين ٿو يا کسيانءِ هي نَٽَ ٽانگَر. ڪيانءِ ڪُريزَ. جيئن ڪمدار

ساڏل سان ڪيم. قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسيءَ تي ب
پُڄرايومانس، تہ پنيان ننڍڙڪي ڏيءُ ب ڪٽائي اچي نڪاح ۾ آندم.
سمجهين ٿو نہ..."

"ها سائين..."

"پوءِ؟..."

"مالڪ آن سائين، جيئن چوندين. مان ۾ ڪاڻي آ طاقت توکان
انڪار جي..."

"شاباس، آئين نہ پيرَ تي. هاڻي يا عمر ڪمداري تنهنجي
حوالي. پونئِين کي ب پارت ڪيون ويندس، تہ توکان اها بادشاهي
ڪرسي ڪڏهن نہ کسين. مرين تہ سرهو ڪري هِتان ئي توکي مُقامَ
ڏي موڪلن. جو ڏيءُ کانسواءِ ساڏل وانگر تنهنجو ب تہ ٻيو ڪو وارث
ڪونهي نہ...!

ٻيو ڪنهن کي ڇوان...!

"شرمندي تہ ڏاڍي تي ٿيان، پر پٽ، ٻيو ڪنهن کي ڇوان. مان اڳي کان گهٽي بيمار تي پئي آهيانءِ. ٻہ ٻہ ڏينهن پيٽئون نہ ٿي ويهان. سورُ ٻہ ڏاڍو آ. ڪُکِيُون مُئي گيس سان پريون پيون آهن. ٻيلي، منهنجو علاج ڪراءِ. اکين مان موتيو پاڻي ٻہ لڏل آ. وقت سِرِ آپريشن نہ ٿي، تہ اهو نورُ مُورئون هليو ويندو. ٻئي جي هَتَّ جي محتاج ٿي پَوندیس..."

"امان، خبر ٿَئي تہ ڏهاڙيءَ وارو مزور آهيان. پِڙيءَ تان هِڪُ ڏينهن روزگار ملي ٿو، تہ ٿي ڏينهن وينو آهيان. پورن ستن ياتين جو عيالُ آ. اٿي ءِ پاڃيءَ جا اَگهہ وڃن تا آسمان کان ٻہ اوچا ٿيندا. اڳي پاڙي جا ٻہ چار گهَرَ جيڪا وندَ جي ماني ڏيندا هئا، هاڻي اها ٻہ انهن بند ڪري ڇڏي آ. اِنَ حالت ۾ ڪيئن ٿو جيئجي، تون پاڻ ئي ٻڌاءِ..."

"سمجهان ٿي ابا، ٻيو ٿورڙيِ هوندِ وارن وَٽِ ٻہ غريب گُربي لاءِ جيڪا اڳي ڪهڪاءَ جي ڏَرڙيِ هوندي هئي، هاڻي انهن کان اها صفا موڪلائي وئي آ. جو هر ڪنهن لاءِ جيئڻ هِنَ ڳاڻي ٽوڙَ مَهانگَ جي ڪري اڇڪلهہ وِتَ کان وڌي ويو آ. پر ٻچا، منهنجو ٻہ تون ئي آن نہ. ائين حيلو وسيلو نہ ڪندين تہ الا منهنجا حالَ پُورَتِ ٿَئي، ڪو نہ بچنديسانءِ..."

"هائو امان، ڪيان ٿو ڪو ٽِڪو پنجو. دلجاءِ ڪَرِ..."

.....

رات گذري. صبح جو سوير مزوريءَ تي وڃڻ ويل پُڻَ ماءُ کي چيو، "اڻي امان، تہ تنهجي علاج جو رستو ڪيان..."

ماءُ خاموشيءَ سان پُڻَ سان هلندي شهر جي هڪ مصروف روڊ تي پهتي، تہ ان جي فوٽ پاٽ تي ڪاتل ڪپڙي ٽُڪُرُ وِڇائي ماءُ کي ان

تي ويهاريائين. پوءِ چيائينس، "هاڻي هِڪُ هَٿُ سِڌو ڪري ويهُ. جيئن فقيرياڻيون ويهندڙيون آهن. جيڪي پئسا خيرَ جا ملندا وَڃَنِ، چولي جي پاسي واري ڪيس ۾ سنڀالي رکندي وَڃُ. شام جو مزوري مِلي ۽ ٺيڪُ نہ ملي ۽، اچي ڊاڪٽر ڏي وٺي هلندوسانءِ...!!"

هِنيانوَ ۾ چُهنڊي...!

"بي حِسيءَ جي انتها آهي، سا بہ ڪنهن اٽپڙهيي جي هجي تہ نظر انداز بہ ڪري ڇڏجي، پر هي تہ پڙهيل ۽ حڪومتي اهم منصب تي وينل صحت ڪاتي جي صوبائي وزير آ! بيدرديءَ سان ڪتي ڏاڙهيل ٻار جي حياتي بچائڻ لاءِ ترت اپاءَ ونڻ جا احڪام جاري ڪرڻ بجاءِ ڏسو تہ ڪيڏو نہ غير زميدارانہ بيان ڏنائين تہ، اسان ٻار سنيالیون يا ڪتا...!"

"ڪير ڪيچي سائين، ڪير پچي، لاڏلي حاڪم جو آ. تڏهن تہ رڳو اهو ئي نہ پر سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ ڪتن کان ڏاڙهجندڙ ماڻهن جي بچاءَ لاءِ ڪورٽ پاران جلد رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ ڏنل حڪم جي موٽ ۾ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ ۽ بلدياتي ڪاتي ڪي ڪتا مار مهم جو پابند بڻائڻ بجاءِ پنهنجو غير منطقي عقل ڊوڙائي ڪتن جي نسبندي جو حڪم ڪيو اٿئين. جنهن تي عمل جي شروعات ٿي چڪي آ. هاڻي ٿورو پنهنجي دل تي هٿ رکي ٻڌاءِ تہ ڪاڏي ڪتن جو ڏاڙهڻ ۽ ڪاڏي نسبندي؟! ملي ٿي ڪا پاڻ ۾ ٻنهي جي ٽُڪَ..."

"اِهو اِتي، ٻيو ڊينگي مڇر جي مرض ۾ هزارين ماڻهن جي مبتلا ٿيڻ ڪانپوءِ بجاءِ سنڌ ۾ مڇر مار ڦوهارو ڪرائڻ جو حڪم ڏيڻ جي ان جو ٽوڙ پنهنجي سمجهہ سان اهو ڪڍيو ٿئين، تہ سامونڊي مڇيون ڪڍي سنڌ جي ڊنڊن ۽ درياهن ۾ ڇڏيون ويندیون. جيڪي ڊينگي مڇر جا آنا کائيندیون، تہ نہ اهو مڇر پيدا ٿيندو نہ مرض!..."

"خبر ناهي تہ حڪومت جي مُکُ ڪرسيءَ تي وينل ۽ ان جي پارٽيءَ جي چيئرمين کي وزير صاحب جي اهڙي جڳ جهان ۾ ڪِلَ ۽ خواريءَ جهڙن حڪمن کي روڪي حقيقي انداز ۾ صحت جي انهن بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ترت عقلي رستو ونڊي درست انداز ۾ خرچ

کان لنوايو چو پيو وڃي!؟...“

”عوام جا پئسا هِن. تڏهن غلط فيصلي تي بہ ڪسوٽو نڻو اچين. پنهنجا هجنن، تہ هِنيانءَ ۾ ڇُهندبي بہ پَوين نہ...!!“

ٻي باهِ...!

ٽيهه سالہ عمر جي رخسانہ علي الفجر جو ٽاٽي تي پهتي ۽ ڪاري برقعي جو پردو متي ڪري پوري رنگ وارو گول چهرو وڏين اکين سان ظاهر ڪيائين. پوءِ ڊيوٽيءَ تي موجود جمعدار سانول خان کان سڏڪي گاڏر لهجي ۾ پڇيائين، "صوبيدار صاحب آهي؟..."

"نہ، اهو هائوس تي آ. ڪلاڪ سوا ۾ پهچي ويندو..."

"ٺيڪ آ. پلا مان تيستائين ويهي سگهان ٿي؟..."

"ها ها چونہ، او هوءَ سامهون ڪرسي ٻئي آ نہ، ان تي وڃي ويهُ..."

رخسانہ هلندي وڃي ڪرسيءَ تي ويٺي، تہ سانول خان سُري وڃي ٻن ادائي فوٽن جي فاصلي تي پرتي ٻيهي پڇيس، "چا ڳالهہ آ؟ ڪنهنجي دانهن وغيره ڪٽي آئي آن چا؟..."

"ها، پنهنجي دانهن ڪٽي آئي آهيان..." رخسانہ جون اکيون ڀرجي آيون. سڏڪي تي قابو پائيندي چيائين، "مون سان مڙس ظلم ڪيو آ..."

"وڙهيو ٿئي!؟..."

"نہ..."

"تہ!؟..."

"ڪريانو هلائيندڙ اڳئين مڙس جي باهہ مان نڪتس؛ جيڪو ڳالهہ ڳالهہ تي تمام گهٽو تشدد ڪندو هو ۽ آپي مان نڪري ماري ماري اڏ مُئو ڪري ڇڏيندو هو. ڪيترا ٻيرا رُسي وڃي ٻيڪن ۾ ويٺس. تڏهن هينانهين وٽي، وري تشدد نہ ڪرڻ جا وچن ڏئي ۽ قسم ڪٽي پرچائي وٽي ويندو هو. پر وري بہ مارون ڏيڻ کان باز نہ ايندو هو. آخري ٻيرو ڏنبو هٽي مٽو ڦاڙيائين، تہ مائٽن ڪورٽ تي چاڙهي طلاق ونرائي. سال انهن وٽ رهيس تہ مزوري ڪندڙ ماروٽ ٻيو مڙس ڪري

ڏنن. جنهن سان مهينو ڪن گذاريو اٿم، تہ ٻي ٻاهہ جي وَر چڙهي وئي آهيان ۽ ان گذريل رات زوريءَ منهنجي ٻُري طريقي واري ۽ گندي ويڊيو الائي ڪنهن ڪان ٽچ واري موبائل ونڊي اچي ان تي رڪارڊ ڪئي آ. جنهن ڪانپوءِ هڪ شرمناڪ ڌمڪي ڏني اٿائين..."

"ڌمڪي، چا جي!؟..."

"تہ مان هاڻي مزوري ڪڏهن بہ نہ ڪندس ۽ منهنجي مرضيءَ سان تون ئي بد پيشو ڪري گهر هلائيندينءَ. جي نہ تہ مان اها ويڊيو يو ٽيوب تان وائرل ڪري ڇڏيندس....!!"

نوان دروازا کُلندا...

"سنڌي لغتن ۾ جن به محققن جا نالا نشانبر آهن، انهن ۾ توکي خبر آهي، ته وڏو مقام کنهن کي حاصل آهي؟"

"ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب کي..."

"ڇا جي ڪري؟..."

"انڪري، جو ٻين جي پيٽ ۾ ڪيس ٻن ٽن کان وڌيڪ ٻولين تي دسترس هئي..."

"مثال طور؟..."

"سنسڪرت، پراڪرت، عربي، فارسي، هندي، گجراتي، مراٹي، پنجابي، سرائڪي، اردو ۽ انگريزي..."

"ابوءِ، ته ائين چئجي نه ته اڄ به سنڌ ۾ سندس کو نعم البدل ڪونهي..."

"بلڪل. نه رڳو ايترو، پر انهن ٻولين جي اشتقاقي تحقيق ۾ به هو ٻي مثال هو. جنهن لاءِ سندس "تحقيق لغات سنڌي"، "سچل لغات" ۽ "سامي ڏاتو ڪوش" جا حوالا ڪافي آهن..."

"ان بعد هن ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي شاهه جي رسالي جي ٽنهي جلدن واري اشتقاقي لغت جي ڏوري کم جي وڏيڪ چنڊچاڙ ڪري 1945ع کان پاڙ پتوڙيو هو ۽ سواءِ تمام ٿورڙن لفظن جي اهو کم تڪميل جي بنهين ويجهو ڪيو هئائين، ته حياتيءَ کانئس موڪلايو..."

"اڇا!، اها ته تمام وڏي ڳالهه ٻيو ٻڌائين. پر اها شايع ٿيڻ ۾ ڀلا ايتري دير ڇوتي آ، جڏهن ته سنديلي صاحب کي هي فاني دنيا ڇڏيي به اٺتيهه سال ٿيا آهن..."

"ان لاءِ سائينءَ جي فرزند ڊاڪٽر اسلم سنديلي صاحب ۽

شاگرد ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب کي نويڪلائي درڪار هئي تہ جيئن ان جا باقي رهيل لفظ بہ مڪمل ڪري وٺن ۽ هاڻي جڏهن ٻئي نوڪرين مان رٽائر ٿي نويڪلا ٿيا آهن، تہ اهوڪم مڪمل ڪري ورتو اٿن ۽ هيءَ اشتقاقي لغت تمام جلد ڇپجي اسانجي هٿن تائين رسڻ واري آهي..."

"واهہ، ان سان تہ رسالي تي گربخشاڻي صاحب کانپوءِ تحقيق جا سوين هزارين نوان دروازا کلندا..."

"ان ۾ڪو بہ شڪ ناهي. ڇو تہ هيءَ مڪمل اشتقاقي لغت آهي. جيڪا شاهہ سائينءَ جي ٻوليءَ کي نئين سر نکاري اڳيان آڻيندي. جنهن سان ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ جي مونجهاري جي ڪا بہ گنجائش نہ رهندي..."

فرق...!

"بن ڏينهن جي ته موڪل جي درخواست موڪليئي. اڄ ڇا ٿيو، درخواست به نه موڪلي ٿئي، نه فون ڪئي ٿي. طبيعت ڏي ته خيرُ ٿئي نه؟" آفيس سپرنٽيڊنٽ عنايت سيل فون تي ڪلارڪ سهراب کان پڇيو.

"سائين، وڏي آزار ۾ اچي ويو آهيان. ڇڳائي ڪندي اهڙا هَڏَ سڙيا هِن، جو گهران نڪرڻ ئي نِرَهُ ٿي ويو آ..."

"ڇا ٿيو آ؟..."

"ٿيون ڏينهن ڳوٽ موٽيس، ته مقام وٽ ڏنگهرن ۾ ڪانوَ جو ٻچو قاتل ڏٺم. ڪنڌا هٽائي ڪيڏيومانس ته مري ويو. پوءِ پاسي تي اڇليم مَسَ، ته ڪانوَ ان جو مارينڊ سمجهي ٽونگا هڻڻ لڳا. ٻئي ڏينهن آفيس لاءِ نڪتس ته وري ٽونگن سان ورايائون. تڏهن احمد هٽان بن ڏينهن جي موڪل موڪليم ۽ گهر ۾ ويهي رهيس. اڄ به ساڳي ڪار ڪيائون. موٽي احمد جي جاچ لڌم ته اهو سويرڙو نڪري آيو هو، انڪري موڪل موڪلي نه سگهيس ۽ موبائل ۾ بيلنس به نه هو. جيڪو شهر اچي وجهرائيندو آهيان..."

"واهَ جي ٻڌايئي. تو ته ٻچو ٻچايُن ٻئي، پر...خير، اڄ سي ايل هڻي ٿو ڇڏيانءِ. صبحاڻي حملي کان بچڻ لاءِ ٻُڌَ ئي ٻڌي نڪر جانءِ..."

"ها، ائين ئي ڪندس. پر اهو ڪيڏو عجيب آ، ته ڪانوَ ته هڪٻئي جي تڪليف محسوس ڪن ٿا ۽ ڪانگيرو ڪري آسمان مٿي تي ٿا ڪٽن، پر ٻچا به ڪين ايترا ئي پيارا هَن، جو مٿو به نه ٿا سهائن ۽ غلط فهميءَ ۾ به ڪنهنکي مارينڊ سمجهي، ان جو بدلو ان طرح ونڊ نه ٿا وِسارن.."

"برابر، بس رڳو اسان ماڻهن ئي هڪٻئي کان اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن ۽ خود غرضيءَ ۾ ايترا اڳتي وڌي ويا آهيون، جو پر ۾ ٻيو ته ڇڏيو، سڳو پاڻ ٻه مصيبت ۾ اچي ٽوپا بيمار ٿي ٽوپوي ته نه مٽس لڙي وڃڻ جو جذبو ٽوڙ جاڳي ۽ نه ئي ڪو ڪَسوَتو ٽوٽاچي..."

"بلڪل سائين، بگهڙن ۽ اسان ۾ هاڻي ڪو فرق ئي نه رهيو آ...!"

گوشت ورهائجي ويو...!

عيدالاضحيٰ ڏينهن عيد نماز بعد راحم جي گهر ۾ سندس پاران قرباني ڪيل ٻڪري جي گوشت جا ٽي ٽالهه پرجي آيا، ته ننڍي پٽ هاشم چيس، "بابا، جيرا ٻڪيون مان ۾ ادي زرينه ڪائينداسون ئي..."

"ها بابا، پر پهريان گوشت جا پاڳا گهرن ۾ ڏئي آ..."

"اڃ گهرن ۾ ته ادي احمد کي موڪل نه..."

"اهو به ڏئي ايندو. اڇو..."

"هي ٽي ٽالهه ڪيئن ڪيان..." زال زينت پڇيس.

"هي ٽالهه رانن جي گوشت جو آ. اهو ۾ هن ٻئي ٽالهه مان صرف ٻه ڪلا ڪن ڪيڊي سڄي جو سڄو فرج ۾ رَکُ ۾ زرينه کي سَڏِ ته اهي ٻه ڪلا الڳ ۾ جيرن ٻڪين کي الڳ رڌڻ شروع ڪري. باقي ٽئين ٽالهه مان هڪ حصو به فرج ۾. پوئتي جيڪو بچي ٿو اهو سمورو ورهائڻ شروع ڪر..."

"ٻڌائيندو وڃ. پهرين ٽيلهيءَ ۾ ڪنهن لاءِ؟..."

"زريت لاءِ. وڏي پيٽ آ..."

"ڪيترو ڪيان؟..."

"ادائي پاڻ جيترو..."

"نڪري ويو. ٻي ٽيلهي؟..."

"سبيلا لاءِ. ننڍي پيٽ آ. ذري گهٽ اڌ ڪلو..."

"هاڻي؟..."

"وڏي ادي رسول بخش جو. ڪلي جيترو..."

"ويو..."

"سئوٽ نورل لاءِ. پاءُ ڪن..."

"ٽي ويو..."

"ماسات نبن لاءِ. ڏيڊ پاءُ..."

"ها..."

"خادم لاءِ ڏيڊ ڪلو. سنگتي آ ۽ ساڳي ڊپاٽمينٽ ۾ ٽورو وڏو آفيسر ٻه. نه ته سدائين پيو توکيندو..."

"هل اڳتي..."

"ماسي سبحان لاءِ. ڏيڊ پاءَ جيترو. امڙ جي ننڍي پيٽ آ. دعائون ڪندي..."

"باقي؟..."

"وڏي صاحب لاءِ. راضي هوندو ته سڀ ٽيبل تي رهڻ ڏيندو. جو هيڏا خرچ اهائي ٿي پورا ڪري. نه ته پگهار ڪرياني جو به پورائو ڪري نه سگهندي. هيڏي نَڻَ سان ڪو گذران ٿيندو چا..."

"ڪَلَ ته خير ۾ ڏنئي. ڪاسائيءَ ڪيترا ورتا؟..."

"پئسا نه. ڏيڊ ڪلو گوشت جو منڊيءَ ۽ مغز سوڏو ڏنومانس. مسين راضي ٿيو..."

مک در جو ڪڙو ڪڙڪيو. راحم پاڻ ويو. در تي ٽي فقير ۽ هڪ فقيراڻي بينا هئا. "صاحب، قرباني‌ءَ مان اسانجو وندُ بابا..."

"گوشت ته ورهائجي ويو. ٽورو نه جي اڳ ۾ اچو ها، ته اصلي نه موتايانَو ها...!!"

سَمَکَ...

"نيٺ چوري چاهي چا ٿي؟ اِها پئونري متي ۾ پئي چو ٿَس؟"

"چوي ٿي، مان انهي سَتَرِ ورهين واري ۽ ڇهن ٻارن جي پيءُ سان ماري ڳيا ڳيا ٻه ڪري ڇڏيندئو نہ، تڏهن ٻه مُورئون شادي نہ ڪنديس..."

"پيرَ ٽِڙيو ٿَس يا؟..."

"نہ نہ. اهڙو ڪجهہ ناهي..."

"تہ پوءِ چو ٿي منهنجي هڪ جريب ونڊ ۾ رنڊڪ وجهي ۽ آپي مان ڪيڊي سِرُ ڪٽڻ تي مجبور ڪري..."

" گهٽو ئي چيوٿمانس تہ، اهو جريب ونڊ هن مهانگائيءَ ۾ اسانجي مجبوري آ. پاٽين ننڍو آ ۽ پڙهين پيريءَ ۾ آ. ٻيو تہ جتي ويجين ٿي اهو مالوند ۽ پنجاهہ جريبن وارو گهر آ. راڻي ٿي راجُ ڪندينءَ. پر وري وري ساڳي ڳالهہ ٿي ورجائي تہ، ٽڪا نہ ونو ۽ مڙس هيسي جيسي ڏيو..."

"جڏهن خبر ٻه ٽس تہ چار لک ونڊي چڪو آهيان. جيڪي ڪڏهن ٻه واپس نہ ونندا ۽ ڪِنُ ڪندا. جنهن سان مُنهن ڏيڻ جي سگهہ ناهي مون ۾، تہ..."

"تڏو ٿي. متان ونن ٻه. ائين ٿيندو آ..."

"نہ ڪو ڏنگا هِن. جي گهٽو گهٽو ڪري مجيئون ٻه تہ چَٽي وجهندا ۽ ٻڌاءِ پلا، تہ پاڻ وٽ تہ رکو اهي ئي چار لک هِن. وڌيڪ تہ ٽَڪو پيي ڪونهي نہ؟..."

"ٻانهون ٻڌي سنئين سِڌي ڳالهہ ڪرين نہ، تہ چوڪري ڪو نہ ٿي مجي. زهر کائڻ جو ٿي چوي. مجبور آهيان..."

"اچي تہ وڌي آوَهِ ۾ ويو آهيان. خيرُ، ونان ٿو تو واري صلاح ۽

چٽيان ٿو اچلايل ٿُڪَ..."

.....

پيءُ چار چڱا وچ ۾ آڻي ءِ وڏا ايلاز ڪري نيٺ چار لک رپيا ڪَنَ ڇِنڻَ واري سونَ جيان واپس ڪيا...

.....

گھر موٽيو تہ آلين اکين سان ڏيءُ جي مٿي تي هَٿُ رکي چيائينس، "الله سَمَڪَ ڏنئي، جو انڪار ڪري منهنجي لالچ کي بہ ماريئي. نہ تہ سڄي عمر اهڙي گھر ۾ واقعي بہ رَتُ پئي روئين ها ءِ مان بہ ان ڏوهہ تي پاڻ کي ڪڏهن بہ بخش نہ ڪيان ها...!"

هَتَ جو پِيرُ...!

"قادن، اهو چا ٿو ڪرين؟..."

"سائين گلڙ جلاليءَ جي مزار جا آثار پيو چِتا ڪريان..."

"ڪهڙو گلڙ جلالي؟..."

"هونءَ ته خبر نه هئي. رات اسر ڏاران ننڍ پيو هوس ته خواب ۾ ڏٺم ته، هڪ پِٽ تمام ڏِگهي ڪنهن وڏي ريلَ جهڙي آسمان مان جهاز جي رفتار سان هلندي منهنجي ڪَيَ پَئي. مان پيرن تي زور ڏنو. پَڄُ پَڄان، ڀُڪُ ڀُڪان. اچي ساهَ جي لڳي، ته ڪٽي ملڪ الموت پِٽِ کي ريلَ بڻائي ته ڪَيَ نه پيو آ. پوءِ اوچتو وڏي رڙ ٿي، بيهُ اِتي. ڊِڄُ نه، مان پِيرُ گلڙ جلالي آهيان. مان بيهي رهيس. ڏٺم ته سائين گلڙ جلالي پِٽِ تان لٿو. وڃي پيرن تي ڪريومانس. چيائين، مان هِتي آهيان آثار قديمه جي نُلَ ڪان ٿوري فاصلي تي بَڙَ جي وڻ جي ڪاهي پاسي. منهنجو متولي ٿيءُ. ستن ئي پيڑهين کي اَڏي ڇڏيندوسانءِ. ائين چئي سائين گلڙ جلالي پِٽِ سوڏو گم ٿي ويو. حڪم جي پيروي ڪندي تڏهن هي سِرُن جو گاڏو لَهرائي سائينءَ جي مزار پيو سِڏي ڪريان. جنهن مٽان وجهڻ لاءِ هي پَڙُ به آندو اٿم..."

"واهَ جي ڀَالهه ڪيئي. صفا اَڏِجي وئين..."

.....

ڪجهه ئي ڏينهن ۾ گلڙ جلاليءَ جي مزار تي خلقن جي اڇ وڇ شروع ٿي وئي. ڪنهن سائينءَ کان پُٺُ گهُريو، ته ڪنهن ڏيءُ ۽ ڪنهن ڪجهه ٻيو...

.....

ٽن مهينن جي عرصي ۾ گلڙ جلاليءَ جي مزار سامهون ڇهن جريبن جيتري ناهموار زمين کي سِڏو ڪري متولي قادن نلڪو هڻائي

سولر جي موٽر تي آبادي‌ءَ لائق بٽائي واڙِي ڪري ڇڏي...

.....

هڪ ڏينهن نيرن مهل آثار قديمہ جا عملدار بلڊوزر ڪاهي ۽ پوليس وٽي اچي پهتا. متولي قادن کي ٻڌي گلڻ جلالي‌ءَ جي مزار کي مسمار ڪري، واڙي‌ءَ کي پيلي ڇڏيائون...

پوليس موبائيل ۾ متولي قادن سپاهين کي پيرين پوندي چئي رهيو هو ”هي دفعو ڪوڙ ٻالهائي غلطي ڪئي ٿَ۾. بخش ڪيو. وري اِتي يا ڪِتي ڪڏهن بہ ڪوهَڻَ جو پِيرُ نہ ٿاهيندس...!!“

ٿَڄُ نہ بخشيندياسانءِ...

"سياڻو ٿيءُ. ڪنهنجي پِتَ نہ ڪَرُ. ٻنهي اغوا ٿيلن کي آزاد ڪري ڇڏ..."

"امان، توکي ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. آزاد جو ڪَري ڇڏيان، تہ ٻڌاءِ ڪَيَلَ خرچ جو حساب ڪير ڏيندو..."

"ڪهڙو خرچُ؟ ٻڌاءِ نہ..."

"توکي خبر ناهي، تہ ڇَڏِ انهي کيٽي کي. جنهن رَنَ کان فون ڪرائي، هرڪائي ٻنهي کي عشق جي دام ۾ ڦاسائي ۽ پنهجي ڏَسَ تي گهرائي اغوا ڪيم. ان مفت ۾ فونون ڪيون هُيون ڇا؟ هڪ هڪ جا پورا پنج پنج هزار ورتا هئائين..."

"اهي ڏهہ هزار منهنجيون واليون ڪَرُ. اهي کپائي جندُ ڇڏين. مان ٻيڙيءَ لاءِ هروپرو هن عمر ۾ اهي واليون پائڻ ضروري ٻہ ڪونهن..."

"نہ، اهي تنهنجي ڏاج جون هَن. کپائي اهو گناهہ، بيگناهہ ڇو سِرَ تي کڻان..."

"اڙي ڏاهو ٿي. اِهي کپائڻ گناهہ ڪونهن. گناهہ هي آ، جيڪو هنن کي پنهنجي ٻچن ۽ اهلَ عيالَ کان پري ڪيو ٿئي..."

"ٽيهن لکن تان لهي مالڪ ٿن لکن تي پهتا هِن. مليا تہ زنجيرَ ڪيندوسان..."

"چَوَڻُ نڻو ونين نہ؟..."

"نہ، مونکي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي. ائين غربت پيڇو ڇڏيندي ڇا؟..."

"تہ، ٻُڌ ڪن ڪولي منهنجي ڳالهہ. قيامت ڏينهن ٿَڄُ نہ بخشيندياسانءِ، اصل ڪو نہ بخشيندياسانءِ..."

ماءُ روئڙ ۾ ٻُڏجي وئي. رمضان ڪجھ دير ڪيس پرچائڙ جي ڪئي. نہ پرتي تہ سيڪجھ وساري مغوين کي وڃي زنجير کولي، اکين تي پٽي ٻڌي رات وچ ۾ پنڌ ڪرائي، روڍ تي آڻي ۽ اڳتي وڃي پٽي کولڙ جو سختيءَ سان تاڪيد ڪري ٻڌايائين، تہ ماءُ جي منٿن ۽ ٽَڄُ نہ بخشڙ جي شرط تي مفت ۾ ڇڏيو اٿائين...

پوءِ اتان ئي ٻُوڙَن جي اوت وٽي رمضان ٻنين مان هلندي پويان پير ڪيا...

مغوين اڳتي وڃي اکين تان پٽي لاٿي، تہ هڪ ٻئي کي چيو، "ڪاش، سيني ڏاڙيلن جون امڙيون ٽَڄُ نہ بخشڙ جھڙا اهڙا شرط رکي انهن بگھڙن کي ماڻھو بڻائن، تہ جيڪر اسان جھڙا هرڪائي ڦاسايل ماڻھو زنجيرن جا اهي عذاب سھن ئي نہ..."

وري نہ ٹيندو...

زال مڙس وچ ۾ ننڍڙيو ننڍڙيون ڳالهيون وڌي رسامي جو سبب بڻيون، تہ زال پيڪن ڏانهن هلي وئي. مڙس وَسَ ڪيا. مِٽ مائٽ موڪلي ننهن چوٽيءَ جون ڪوششون ڪيائين، پر زال راضي نہ ٿي. نيٺ آسرو لاهي سيڪجهہ وقت تي ڇڏي ڏنائين.

ويڪيشن جا ڏينهن هئا. اهي پورا ٿيا تہ زال سان گڏ ويل ہن وڏن ٻارن ڏهن سالن جي عابد ۽ ارڙهن سالن جي فوزيہ پاڻمرادو واپس نہ وريا ۽ انهن جي اسڪول ۽ ڪاليج مان سندن غير حاضريءَ سبب نوٽيس پهتا، تہ پيءُ وري انهن کي گهر آڻڻ لاءِ برادريءَ جي چئن چگن کي ساهرن ڏي موڪليو. پر اهي بہ کين پيءُ وٽ آڻڻ ۾ سوپارا نہ ٿيا.

نيٺ ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي ۽ مجبور ٿي پيءُ ڪورٽ جو در پکڙيو ۽ موقف اهو اختيار ڪيو تہ، "جيئن تہ ساهرن جي ڳوٺ ۾ ڪو اسڪول ۽ ڪاليج ناهي، انڪري انهن ہن ٻارن کي پيءُ وٽ رهڻ جو حڪم ڪيو وڃي..."

حاضريءَ جي ڏينهن جج صاحب زال کي ٻين ٽن ننڍن ٻارن کي وٽس ۽ باقي ٻنهي وڏن ٻارن کي پيءُ وٽ رهڻ جو آردر ڪيو تہ ٻنهي وڏن ٻارن وڏا وڏا رانيات ڪري روئڻ شروع ڪيو. جن کي ڏسي سندن پيءُ ماءُ بہ اشڪبار ٿي ويا ۽ عدالتي ڪمرو سوڳ جي منظر ۾ بدلجي ويو...

جج صاحب ٻنهي وڏن ٻارن سان مخاطب ٿي پڇيو، "توهان ڇو ٿا روئو؟..."

ٻارن وراڻيو، "اسان رڳو بابا يا امان سان نہ، پر ٻنهي سان رهنداسين..."

اهو ٻڌي جج صاحب پهريون آردر اتيئي رد ڪري حڪم ڪيو

تہ، "زال مڑس هفتي اندر پاڻ ۾ ڪهي اچو نہ تہ ساڳيو آرڊر برقرار رهندو..."

هار ۾ پيءُ ماءُ ايا به روئي رهيا هئا تہ اوچتو ماءُ اڳتي وڌي روڪڻهار ڪي لهجي ۾ جج صاحب سان مخاطب ٿي چيو، "مان وڃان ٿي مڑس سان گڏ. ختم ڪيم جهڳڙو. وري ائين نہ ٿيندو. ڪڏهن نہ ٿيندو..."

قانون جو مانُ...!!

"چڑھو گاڏيءَ ۾..." هڪ سپاهيءَ ٻن هيروئنين کي پوري طاقت سان زور لڳائي ڏڪا ڏئي ريل ۾ چاڙهيندي چيو.

"چوٽا اسانکي شهر بدر ڪيو. اسان اوهانجو ڪهڙو گناهُ ڪيو آهي. هيروئن پيئون ٿا، ته پنهنجي پئسن جي ٿا پيئون. اوهان..."

"بس ڪَر ڏي..." هڪ ٻئي سپاهيءَ آڏاگوڙيِ ڪندڙ ۽ هروپرو گهٽو ڳالهائيندڙ ان هيروئنيءَ کي ڪياڙيءَ واري چمات هڻندي چيو "هن شهر ۾ هي جيڪي وڏي تعداد ۾ ايڊز جا ڪيس ظاهر ٿيا آهن، انهن جو بنيادي ڪارڻ اوهان آهيو. اوهان ئي ان کي وبائي صورت ڏني آ..."

"اسان نه سائين، اها ڊاڪٽرن، حجمن، عطائين ۽ ٻين ڏني آ. مولا سنئون اسانجو ڪو به قصور ڪونهي بابا، ڇڏيو اسانکي..."

"گوڙ نه ڪر..." ٽئين سپاهيءَ چوٽين هيروئنيءَ کي ٽونڪو وهائي ڪڍيو.

"اَئيلي ڏي..."

"چيوسُونَ ته ماڻ ميڙ ۾ علاج ڪرايو. پر اوهان سئو ڇٽن اسپتال ۾ هنگامو ڪري اسپتال متي تي ڪنئي ۽ هيروئن جي طلب ڪري ڪري سيني کي بيزار ڪري ڇڏيو. تڏهن اسانجي وڏن علاج جو فيصلو تبديل ڪري، اوهانکي ريل ۾ چاڙهڻ جو حڪم ڏنو آ، ته وڃي ٻين شهرن ۾ ڏڪا ڪائي مرو ۽ اسانجي ڳچيءَ ۾ نه پئو..."

"اسان ڪيئن اوهانجي ڳچيءَ ۾ آهيون؟!..."

"تون بس نڪو ڪرين، هٽانءِ گولي. ڪيانءِ پورو..."

"نه سائين، توبهه ڪيم. چڙهان ٿو ريل ۾..."

"شاباس، هَلُ، سِڌو ٿي چڙهُ. دير نه ڪر..."

"ها بابا..."

ائين ڊِڪبا مُڪبا، رڙيون ۽ دانهون ڪندا مختلف عمرين جا سئو هيروئني ريل ۾ چڙهي پيا ۽ ريل وصل هٽي، "چُڪ چُڪ..." ڪري پليٽ فارم ڇڏي، هلندي اکين کان اوجهل ٿي وئي...

ان گهڙيءَ پليٽ فارم تي سپاهين جي اٽالن کان پري بينل هڪ پيرسن شخص چهري تي طنزيہ مرڪ آڻيندي پنهنجي نوجوان پوٽي کي چيو، "واهہ واهہ، قانون جو مانُ مٽانهون ائين ئي ڪبو آهي...!!"

عَجَبُ...!

"صبحاڪي ڏهين محرم، امام حسين ۽ ٻين امامن جي غم جو ڏينهن آهي نہ بابا سائين؟..." ڏهن سالن جي پٽ عظيم پيءُ کان گهر اندر اچڻ سان پڇيو.

"ها بابا سائين..." پيءُ کٽ تي ويهندي وراڻيو.

"تون نياز ڪندين نہ بابا؟..." اٺن سالن جي نعيم به سوال ڪيو.

"ها ها، پر ديڳيون بابا، هميشہ وانگر..." پيءُ مختصر جواب ڏنو.

"مان پنهنجو پانڌارو پڄي ان مان ڇهہ سئو رپيا ڪڍي رکيا هِن. جن جا چولا ونڊي مان به انهن جو نياز ڪندس..." عظيم چيو.

"ڏاڍو ڀلو، واهہ جي وقتائتي سوچ آئي ٽئي..."

"آئون مان به پانڌاري مان پٺوٽا چار سئو رپيا ڪڍيا هَن. جن مان شربت ونڊي، باٽليون پري انهن جي سبيل ڪندس..." نعيم به بنا وِٽيءَ جي پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو.

"وڏي عقل جي ڳالهہ. شاباس آ توکي به پٽ، جو هن عمر ۾ اِمامن جي غم ۾ شريڪ ٿيڻ واري توکي به اهڙي سمجهہ آئي آ..."

"مون کان به پُڇُ نہ بابا، تہ مان پنهنجي پانڌاري مان جيڪي تي سئو رپيا پڄي ڪڍيا هِن، انهن مان، مان چا ڪندس؟..." ڇهن سالن جي سليم معصومانہ انداز ۾ پيءُ جي توجہ پاڻ ڏانهن ڇڪائي.

"ها شاباس، ٻڏاءِ پٽ، تون انهن مان چا ڪندين؟..."

"مان امان کان ڪيرٽي ٺهرائيندس، جيڪا پيالين ۾ وجهي ورهائيندس..."

"واهہ واهہ، واهہ جي ان غم جي وڏي ڏينهن تي منهنجي ٻچڙن ۾، اِها شعور جي لاتَ پري آ. سچ پچ اوهان جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو عَجَبُ لڳو آ..."

"هاڻي منهنجي ٻه ٻڌ نه بابا..." پنجن سالن جي دعا بنهين ويجهو اچي، ننڍڙيون اکيون پيءُ جي اکين ڏانهن کڻي ۽ نظر کي اتي ڇمائي هورڙيان لفظ لفظ کي ڇٽو ڪري اچاريندي ۽ پنهنجي ڳالهه کي مڪمل ڪندي چيو، "منهنجي پانداري مان جيڪي ٻه سئو روپيا نڪتا هن نه، مان انهن جا ٽشو پيپر ونندیس ۽ جيڪي روئندا هوندا نه، انهن کي اکين اگهڙ لاءِ ڏيندي ويندیس...!!"

مان راضي آهيان...

"اسانوٽ والدين جي سوچ الائي ڪڏهن تبديل ٿيندي ۽ اهي اولاد کي پنهنجي ذاتي ملڪيت نہ سمجهندا ۽ کين اجازت ڏيندا تہ اهي پنهنجي زندگيءَ جا فيصلا پاڻ ڪن..."

"ان لاءِ وڏي علم ۽ عقل جي ضرورت آهي. جنهنجو هِتي فقدان آهي..."

"پائو، ڏس نہ، مان نڪو قبول ڪريان تہ پنهنجي ماساتِ سان شادي ڪريان، تہ ضد ڪري هروير و چاهن ٿا، تہ سندن اهو فيصلو مڃيان ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي پيار کي دفن ڪري ڇڏيان..."

"اهو وڏو ظلم آ. ڪاش، پڪين کي ڏسي انهن مان ئي سبق حاصل ڪن، تہ انهن جا ٻچا جڏهن جوان ٿيندا هَن، تہ اهي کين اڏائي ڇڏيندا هِن. جيڪي ويجي ڪنهن وٽ تي ڏار پنهنجا آڪيرا ناهي پنهنجي مرضيءَ سان رهڻ لڳندا آهن..."

"مان بہ ننهن کي نَو ڪوٺ وجهي تڏهن تہ گذريل مهيني کان تو پائرن جهڙي دوست کي تڪليف ڏئي تو وٽ رهيو پيو آهيان ۽ نہ گهر ٿو موڪلان، نہ يونيورسٽيءَ ڏانهن..."

"مونوٽ پلي ڪيترو بہ عرصو رهيو پيو هج، مونکي پرواهہ ناهي. پر توکي يونيورسٽيءَ مان نہ گسائڻ گهرجي ۽ پارٽ ٽائيم ڪا نوڪري وغيره ڪري جلديءَ ۾ پنهنجي چاهڻ واري هنڌ تي شادي بہ ڪري ڇڏڻ گهرجي. جيئن اڳتي سيني جي صلاحن ۽ ضدن جا دَڳَ بند ٿي وڃن..."

"درست. ائين ئي ڪبو..."

ٻئي ڏينهن تي آزاد يونيورسٽيءَ پهتو. هاسٽل ڏانهن ٽيلهو ڪنيو پئي ويو تہ ڏٺائين تہ پريان هن کان پنيرکي پاسي سندس محبوبہ

سندس هم ڪلاسي گلاب سان هَٿُ هَتَ ۾ ڏئي ان جي وڏي ڪار ۾ وڃي ويٺي. جيڪا استارٽ ٿي هلندي اکين کان اوجهل ٿي وئي...

آزاد جا پير وسامي ويا. سندس غربت اوچتوخيالي جهانَ ۾ نچندي حقيقت ۾ پنهنجي پيرن کي ڏسي روئي پئي. تڏهن بنا ڪجهه سوچڻ جي سيل فون ڪڍي پيءُ جو نمبر ملايائين. پيءُ فون کولي ته چيائينس، "پلي تاريخ ٻڌو. مان شاديءَ لاءِ راضي آهيان..."

مُهين جي ڏڙي جا وارث...

"هو ٻڌو نہ ٿئي، تہ چگو ماڻهو جتي بہ هوندو آهي، پنهنجي چگاين جي هڪ تاريخ چڏڻ لاءِ وسان ناهي گهٽائيندو. هي سکر جو موجوده ايس ايس پي بہ اهڙو ئي ماڻهو ٿئي..."

"برابر. تڏهن تہ اهڙي اڻ ٽيٽيءَ کي ٽيٽيءَ ۾ بدلايو اٽائين. نہ تہ ڪاڏي پوليس ۽ ڪاڏي لائبريري، سا بہ لاڪب ۾. يعني صرف قيدين لاءِ. نہ رڳو ڪتاب، پر روزانيون اخبارون بہ..."

"ها پائو، اهو انڪري تہ، قيدين ۾ علم جي سُتي پئي. جيئن انهن مان جهالت جي ڪري چوٽ تي پهتل ڏوهاري ذهنيت کي ٻنجو اچي ۽ سندن پير ماڻهپي جي راهہ تي گامزن ٿين..."

"بهترين ۽ غير معمولي سوچ آ. ڪاش، اها صاحب جي ٻين پٽي پائين ۾ بہ پيدا ٿئي..."

"هڪ ڏيئو ٻريو آ، تہ ان مان اميد ڪجي تہ ٻيا بہ ضرور ٻرندا ۽ ائين اوندهہ ويندي پنهنجي انت ڏي ڏکبي..."

"خدا ڪندو تہ ائين ٿيندو ۽ سڄي ملڪ جي ڳاٽن جي لاکپن ۾ لائبريريون قائم ٿيندیون. جيڪي هر ڏوهاريءَ جي سوچ کي ڏوئي، ان کي نئون ماڻهو ٻڌائيندیون. جيڪو سيني جو هڏڏوکي هوندو. جنهن سان سماج سک جو ساهہ ڪڍندو...."

"بلڪل. ان سان گڏوگڏ جيلن ۾ بہ اهو ڄار وڇايو وڃي، تہ اهي ڏوهارين جون نرسريون هجڻ جو تعارف بدلائي اصلاح گهر ئي ٻڌبا. جيئن ٻاهرين ۽ مهذب ملڪن ۾ آهن..."

"واهہ وا، لک جي ڳالهہ. پر ان روشن خيال پوليس آفيسر وانگر مان چوان ٿو تہ جيڪڏهن اسانجي حاڪمن کي بہ اها مَتِ اچي ۽ اهي پنهنجي پڙهيل لکيل هجڻ جو ثبوت لائبريرين جي قيام جي صورت ۾

ڏين ۽ وک وک تي علم کي فروغ ڏئي، هن ملڪ جي ستر سالہ جاهلاڻي تاريخ کي تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجي طاقت جو اهڙو ئي مظاهرو ڪن، تہ سڄي دنيا جا ماڻهو اهو انڪار ڪري سگهڻ جي جرعت نہ ڪري سگهندا، تہ واقعي بہ اسان ئي مهين جي ڏڻي جا وارث آهيون..."

مَتِ...

"ماءُ کي سمجهاءِ..."

"چا؟..."

"منهنجي هر ڪم مان وڏَ ڪيڙ چڏي ڏي..."

"وڏَ ڪيڙ ۽ سمجهاٽي ڏيڙ ۾ فرق آ راٽي، امان وٽ وڏي نظر آ. ٽوڪ ڪرڙ يا اهڙو ڪو ٻيو دل رنجائڙ وارو عمل هوءَ ڪندي ئي ناهي..."

"باقي مان ڪوڙ ٿي هٽان. بورچيخاني ۾ لوڻ مرچ يا ٻيو سامان جتي بہ رکان ٿي، تہ چوي ٿي، اِتي نہ، او هُتي رَکُ. ياڇي رڌي ٿي اچان تہ ڪنهن مهل لوڻُ گهٽِ آ، تہ ڪنهن مهل مرچ گهٽِ هِن. مڙئي ڪو نہ ڪو نقص ڪيڙ وارو وارُ گُسائي نہ ٿي..."

"اِهو ڏاڍو خراب ٿي ڳالهائين. امان مونکي ڏاڍي پياري ٿئي..."

"تہ پوءِ نہ ڪرين ها نہ شادي. جيئن هن جي بادشاهي برقرار رهي ها. مان جو پيڪا چڏي آئي آهيان، تہ هاٽي هن گهر ۾ منهنجي ئي مرضي هلڻ گهرجي. جيڪا ڳالهہ جيڪڏهن هوءَ سياٽي هجي تہ پاڻ ئي سمجهي ويجي ۽ سپ واڳون گهر جون منهنجي حوالي ڪري مزي سان کٽ تي ويهي صبر ۽ شڪر جي ماني کائي. پر ائين ناهي ۽ هوءَ مونکي گهر جي مالڪياٽي سمجهي نہ، نوڪرياٽي سمجهي ٿي هلائي. انڪري يا هن کي سمجهائي هوش ۾ آڻ، تہ گهر جي مالڪياٽي هاٽي مان آهيان يا پيڪن ڏي چڏي آ، جو هي عذابَ وڏيڪ نہ سهندیس..."

"هوءَ منهنجي ماءُ آ ۽..."

"تون بس ڪر ابا،..." اوچتو در مان نڪري ماءُ اندر ڪمري ۾ هلي آئي ۽ اچي نُنهن جي مٿي تي هٿ رکندي عاجزيءَ سان چيائين، "مون سپ ٻُڌو. تون غلط ناهين ڏيءَ، مونکان ئي روايتي سس

وانگر مَتِ موڪلائي وئي هئي. هاڻي هي گهر، هي تون، اونڌي ڪَرِ، سنئين ڪَرِ، اکر نہ چوندیسانءِ، جو باقي مان الائي ڪيترا ڏينهن. شل اهي عزت سان پورا ٿين ءِ ڪتولو پُٽ جي گهر مان ئي ڪڇي هلي..."

چڪِ پنڊ ڪي...

"پائو سودو تہ ڏجانءِ، دال، پٽاٽا ۽ گيهہ..."

"اوڏر بند آ..."

"چا!؟..."

"ها، رڳو مان نہ، شهر جي سيني دڪاندارن اوڏر بند ڪري ڇڏي آ..."

"ادا، ٻين وارو ليکو مونسان نہ ڪر. مان تہ فصل لهندي ئي تنهنجو قرض چُڪتو ڪندو آهيان..."

"تنهنجي ڳالهہ صحيح آ. پر هاڻي اهو وهنوار نہ هلندو..."

"چو؟"...

"انڪري تہ اوڏر ڳڇيءَ ۾ ٿي پوي ۽ دڪان ذري گهٽ ڏيوالي ۾ ٿو اچي وڃي..."

"ٺيڪ آ. پر هي سال تہ نياءِ نہ. ايندڙ سال کان ڪٽي نہ ڏجانءِ..."

"نہ نہ، اسان دڪاندارن جي ايسوسيئيشن اهو متفقہ فيصلو ڪيو آ، تہ جي سڳو ياءُ بہ هجي نہ، تہ ان کي بہ ٽڪي جي شيءِ اوڏر تي ناهي ڏيٽي..."

"اها بيواجبي آ..."

"اصلي نہ، مسين تہ اسان اک پٽي آ..."

"ان کي اک پٽڑ نہ، اک پوٽڑ چئُ. پر ٻيلي، مونسان مهرباني ڪر. فصل لهڻ تائين باقي اهي بہ مهينا وَهُ. تنهنجي اوڏر نہ اڳ ۾ ڪڍهن رهي آ، نہ هاڻي رهندي. دلجاءِ ڪر..."

"ان لاءِ توکي نئون معاهدو ڪرڻو پوندو..."

"ڪهڙو؟..."

"جيڪا شيءِ ونندين، يعني اوڏر تي، تہ اها رڳو ان ئي معاهدي

تحت ملندئي تہ، ان تي وياج لاءُ هوندو. جيڪو وياجي ٿا ونن. سَوَ تي ارڙهن سيڪڙو..."

"ابوءِ، اها تہ ڏاڍي مڙسي آ..."

"تہ، نہ وڃ نہ، مان ڪو زور تہ ڪونہ ٿو پريانءِ. هَلُ، ڇڪِ پنڌ کي...!!"

جاءِ...

"جاءِ ڪپاءِ..."

"نہ بابا، مون اڳ ۾ جواب ڏنو هو. هاڻي ۾ چوان ٿو. منهنجي مرڻ جو انتظار ڪيو. مران تہ پوءِ جيئن وَٽيئَ تين وال ڪجوس. باقي حياتيءَ ۾ مان پنهنجي وڻن جي هيءَ نشاني ڪپائي قيامت ۾ انهن جو ميارِ نہ ٿيندس..."

"وڻن جا هڏا ۾ ڳري ويا. قبرن مان اٿي اهي توکي ميارَ ڏيندا، واهہ جي ڏَرنَ ورتي ٿئي..."

"مونسان وڏي آواز ۾ نہ ڳالهايو. ٻئي پائر هروپرو ايترا ابهرا نہ ٿيو. هيءَ ملڪيت اڄ ۾ توهانجي آ، صبحاڻي ۾ توهانجي آ. اهو سمجهو ۽ چگّيءَ طرح خاطري ڪري سمجهو..."

"ادي وڏي ڪي ڪو ڏنڏو ڪرڻو آ ۽ باقي ٻئسن مان جاءِ ۾ ونڊي ٿس. مونکي ۾ انهن مان ئي پنهنجي مستقبل لاءِ ڪا پلاننگ ڪرڻي آ. ڪيستائين هيئن بيروزگاريءَ ۾ نيهُون ڪانوان، شادي ۾ ڪرڻي آ ۽ گهر ۾ ناهڻو آ. ائين سڄائيءَ ۾ تہ ڪا ڳالهہ نہ ٿيندي نہ. ٻڌاءِ، يا مان بڪواس ٿو ڪريان..."

"ڪجهہ ۾ نٿو ٻڌان، مان وَٽئون حالي اوهانجي اِها اميد ڪڏهن ۾ پوري نہ ٿيندي. پنهنجي آپي ۾ رهو ۽ مونکي ۾ پنهنجي ٻُتَ ڪان بيزار نہ ڪيو..."

"اسان ۾ر لڳا بينا آهيون. ۾ي ڳالهہ نہ ٻڌنداسونئي. انڪري اسانکي ادب مان نہ ڪَيُ ۽ پاڻ تي ۾ خلقون نہ ڪِلاءِ..."

"اِهو ڳالهائين ڪيئن ٿو..."

"صحيح ٿو ڳالهايان. ايجا..."

"بس ڪيو بابا، بس ڪيو. توهان وڃو. مان سمجهايانس ٿي..."

هاٿي ماءُ ڳالهايو "پنهنجي پاٿيءَ ۾ رهو..."

"تہ سمجهائينس. جيئن اڇن وارن ۾ خواري نہ ڪٿي..."

ٻہ ئي پٽ اکيون ڏيکاري ٻاهر نڪتا تہ مڙس ڏانهن نهارينديِ پيرسن زال لڙڪ روڪي نہ سگهي. سڏڪن گاڏڙ لفظن ۾ مڙس کي چيائين، "عقل ڏار، سڄي عمر مزوريون ڪيئي. هاٿي پيريءَ ۾ لٽيون کائي ٽاٽا پڇائيندين ڇا يا اٽئي انهن سواءِ ڪو ٻيو سهارو. جيڪو دوا درمل ٻہ ڪرائيندئي ۽ ڳيو ٽڪر ٻہ ڪارائيندئي، هان، انکري ڏئين جاءِ ۽ ڇڏاءِ پنهنجي جان. ..."

ڪراڙو ٻہ ڳوڙها روڪي نہ سگهيو. ڪمري جي ڏاکڻين نيم اونداهي ڪنڊ ڏانهن ڏسندي چيائين، "ڇَوين، تہ پلي دستاويز ڪٿي اڇن. مان لکي ٿو ڏيان جاءِ..."

ڪيئن اکيون پوٽيندي....

"تِتِ ڪڏهن ٻڌجي؟..."

"اها هڪ شرط سان ڳنڍيل آ ادا، جڏهن پورو ڪندئو، تہ پوءِ ٻڌبي..."

"وري ڪهڙو شرط ادي، اڳ ۾ تہ ڪنهن بہ شرط جي ڪا ڳالهہ نہ ڪئي هُيئي..."

"هي رتيديري جي ايچ آءِ وي جا ڪيس ٻڌين ٿو نہ ۽ اهو بہ ٻڌين ٿو تہ هتان جا ماڻهو ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا آهن. انڪري ممتاز جي اِها ۽ ٻيون سيئي ٽيسٽون اڳ ۾ ڪرايو ۽ تِتِ لاءِ پوءِ ئي اچو..."

"اها بيواجبي آ ادي، ماڻهو ٻڌندا تہ ڪلندا. اسانجي برادريءَ ۾ ٻڌاءِ ڪڏهن اڳ ڪنهن جون ٽيسٽون ٿيون هَن، جو هاڻي اها ڏنگهري اچي منهنجي ياءُ ممتاز جي پاچن ۾ ڦاٿي آ..."

"اڳ ۾ اهڙيون بيماريون بہ ڪنهن ڪو نہ ٻڌيون هيون. جو ميڊيڪل سائنس ايتري ترقي ڪئي ئي ڪو نہ هئي، تہ اهڙيون ڳالهيون ڪيئن ٿين ها. هاڻي جڏهن انسان جي رَڳَ رَڳَ، سنڈ سنڈ ۽ ساهہ ساهہ جي پروڙ پئي آ ۽ بيمارين جي باري ۾ جاڻ ملي آ، تہ عقلمند ماڻهو هي تہ شاديءَ جي ڳالهہ آ، يعني عمر ۽ جي معاهدي جي ڳالهہ، پر پنهنجي صحت جي خبر لهڻ لاءِ بہ ماڻهن کي ڪنهن ٻئي جي چَوڻ تي نہ، پر پاڻمرادو ۽ پنهنجو پاڻ لازمي طور ڪنهن نہ ڪنهن سٽي ڊاڪٽر جي صلاح سان انهن ٽيسٽن جي عمل مان گذرڻ گهرجي..."

"مان انهي سان اختلاف نٿو ڪيان پيٽ، پر هن مهل اهو تنهنجو شرط ڪٽي مان مڃي هِتان وڃان بہ، پر مونکي خبر آ تہ ممتاز اُتي اهو ڪو نہ مڃيندو..."

"هو پڙهيل لکيل آ. انجنيئر جي پوسٽ تي فائز آ. ڇو اها ڳالهہ

سمجهه ۾ نه ايندس..."

"نه ايندس ادي، نه ايندس. هو ٻي طبيعت جو آ. شاديءَ کانپوءِ ڪٿي ڏيءُ کي چئجانءِ ته اها انهن ٽيستن لاءِ چويس. في الحال ائين نه ڪر. گهاريِ نه وِجهُ..."

"اهو شرط منهنجو نه، شهناز جو آهي. جيڪا ڊاڪٽر آهي. هوءَ ڪيئن اکيون ٻوٽيندي؟!..."

اندازو لڳاءِ...!

"هي ميڊيڪل اسٽور ڪڏهن کان کوليو ٿئي؟، تون ته پنڪچر ڳنڍيندو هُئين..."

"بس، مولا مِهرَ ڪئي. بابو مُئو ته رهڻ واري جاءِ ڪپايائون. حصي ۾ مونکي چار لک آيا. جن مان پنجاهه هزار ڏئي ميڊيڪل اسٽور جو پکو لائيسن حاصل ڪيم. پوءِ بي الڪو ٿي اچي هي دڪان مسواڙ تي ورتم ۽ هڪ ڇاٽو ڇوڪري کي پگهار تي رکي ان جي صلاح سان دوائون وٺي اچي الاتوهار ڪيم. ٽن ڏينهن ۾ خبر پئي ته دڪان اڳتي آ. پوءِ معاملو ويو وڌندو. مان جيئن ته مئٽرڪ پاس هيس ۽ اکر ساڃاهه ٻه هئي، سو آهستي آهستي ڪري دوائن جا نالا ياد ڪري ورتم. پوءِ پگهاردار جي ضرورت نه رهي ۽ اسٽور هلائڻ جهڙو ٿي ويس..."

"معنيٰ ته وڏو ۽ اصلي گُرُ سکي وئين نہ؟..."

"ها، بس قسمت ساٿ ڏنو يا ائين سمجهه ته پاڳ پيڙو ڏنو. جو دال مان سِيرو ٿي پيو. هاڻي رهڻ جي جاءِ ٻه ورتي آ، ته شادي ٻه ڪئي آ. وڏي ڇالهه ته ٻين اسٽور وارن جيان ڊائريڪٽ ماڻهن جو علاج ٻه ڪيان پيو. جو هر مرض جي دوائن جي ته خبر آهي نہ..."

"يار، اهو ته ڏوهُ آ. توکي ته دوائون ڪپائڻيون آهن. علاج ڪرڻ ته تنهنجو ڪم ڪونهي نہ. نہ ئي تون ڊاڪٽر آهين..."

"اڙي بادشاهه، رهين الائي ڪهڙي جهان ۾ ٿو. اسان اسٽور وارا ڊاڪٽرن کان وڌيڪ ٿا ڄاڻون بابا، تڏهن ته اسان مان ڪيترا ٻي پي ايپرٽس ۽ اسٽيٽسڪوپ رکي ماڻهن جو باقائده علاج ٻه ڪن پيا. جيڪو ڊاڪٽرن کان ڪيڏو سستو آ، تون پاڻ اندازو لڳاءِ...!"

نقل...!

"جيستائين اِهي سگريٽ نہ چڏيندين نہ، تيستائين اِن مُئي کنگھ جي کنئون کنئون ۽ بلغم پَچَرَ کو نہ چڏيندئي..."

"عادت عضوو ٿي وئي آ نہ راڻي، نٿو چڏي سگھان..."

"تنهنجا دوست وسيم، ميهر ۽ حامد به ته چڏي ويا نہ..."

"انهن کان بيمارين چڏايا..."

"ته تون کھڙو چاکُ آن. کڏهن مادو خراب ته کڏهن بخار ۽ کڏهن بلڊ پريشر هاءِ، ته کڏهن لو..."

"انهن وانگر مون دوا ۾ لاپرواهي ناهي ڪئي. بروقت پاڻ سنيالڻ ڄاڻان ٿو. تڏهن ته..."

"ان کي پاڻ سنيالڻ چئبو آ، هان ۽ ٻڌاءِ ته پلا سدائين دوائن جو ٽيڪو ڪنيو ٿئي چا..."

"هر ماڻهو دوائن تي آ. رڳو مان ته ناهيان نہ..."

"اڙي ڊج ان ڏينهن کان جڏهن کا بچڙي بيماري نہ وکوڙئي. جنهن مان جان چڏائڻ آزرتي ٿي پوي..."

"مالڪ ٻاجهہ ڪندو. خير جي وائي ڪَيُ..."

"پلا هنن مان کو پاءُ رت جو ته نہ ٿو وڌئي نہ..."

"هاڻي چَڏِ به ڪٽي ان ڳالهہ کي. ڪو ٻيو موضوع ڪونهئي..."

"ڪيئن چڏيان. توسان منهنجي ۽ معصومڙي عليم جي زندگي لاڳاپيل ڪونهي، چَئُ، جي توکي ڪجهہ ٿيو ته ٻڌاءِ، ڪير آ اسانجو الله ۽ توکانسواءِ..."

"ڪوشش ڪندس. به ٻہ چار چار ڪري گھٽائيندس..."

"ائين کو نہ چڏي سگھندين. مون واري پاءُ خدابخش وانگر هاڻي ئي هَتَّ ڪَڍين..."

ظهير ۽ نسيم وچ ۾ بحث جاري هو. تہ ظهير ڏٺو تہ ٻاهر وراندي ۾ چئن سالن جي عليم کيڏندي وڃي ڪجهہ گهڙيون اڳ سندس اچلايل ۽ وساڻل سگريٽ جو ٽوٽو ڪٽي چپن ۾ رکي ان مان هن جو نقل ڪندي ڦوڪون پئي پريون.

نسيم جي نظر بہ ساڳئي وقت ان ڏانهن وئي تہ ڊوڙي وڃي عليم جي چپن مان سَتَ ڏئي ٽوٽو کڏي پري اچلائي ڇڏيائين.

ظهير اهو ڏسي اٺندي ۽ هٿن ۾ جهليل سگريٽن جو پاڪيٽ هڪدم مُنڍ ۾ ڀيڪوڙي پري اچلائي نسيم ڏانهن مُنهن ڪندي چيو، "توبهہ ڪيم. وري سگريٽ پيئان، تہ پيءُ جو پُٽُ ئي ناهيان...!"

خفيہ ڏنڈو

"ونو هي پنهنجو هارڙو، ويچارو بچي نہ سگهيو!..."

"الا..." پيءُ دانهن سان گڏ گوڏي تي هٿ هڻي پوءِ هار جو بي جان جسم ونڊ لاءِ سڏا ڪيا.

سرڪاري اسپتال جي بيڊ تي ستل ماءُ کان ڪيهَ نڪري وئي.

"ادا، مونکي ڏي هارڙي..." سڏڪندي ويم ۾ پاڃائيءَ جي ٿهل ٽڪور لاءِ آيل پيٽ هٽ وڌايا.

ڇ جيئن مئل هارڙي پيٽ جي هٿن ۾ آئي تہ هن ان کي غور سان ڏسندي چيو، "هي اسانجي چوڪري ناهي. هارُ مٽجي ويو آ..."

"هان!" روئندڙ پيءُ پيٽ جي ويجهو سُري آيو.

ٽڏي تي ٻيو انڪشاف پيٽ اهو ڪيو تہ، "لاش نياڻيءَ جو نہ پٽ جو آهي..."

پيءُ ڇ پيٽ اسپتال جي عملي وٽ ڊوڙندا پهتا. "هي اسانجو هارُ ناهي..."

"چئو الائي ڇاتا، هارُ توهان جو ئي آ بابا. افسوس جو قدرت کيس هڪ ڏينهن جي بہ حياتي نہ ڏني..."

"اسانجي الٽرا سائونڊ ۾ چوڪرو نہ چوڪري آ..."

"اهو غلط هوندو. هي چوڪرو توهان جو ئي آهي، جيڪو..."

"اسان احتجاج ڪنداسين..."

"بلاشڪ ڪيو. اسان غلط بياني جو ڪنداسين ڇ اوهانکي مئل هارُ جو ڏيندا سين..."

.....

پيٽ ڇ مئل هار سميت پيءُ اسپتال باهران ڊرٽو هنيو. هٿن ۾ الٽرا سائونڊ ڏيکاريندي چيائين، "هي هڪ نہ، ٽي الٽرا سائونڊ آهن. جن ۾

چوڪري ظاهر ٿيل آ. هي مئل چوڪرو اسانجو ناهي..."

نيڪ ان مهل اسپتال جي عملي جي هٿن مان هڪ بارڙو پيءُ جي جهوليءَ ۾ اچي پيو. "وٺ هيءَ پنهنجي ڏيءَ ۽ ختم ڪر هي ڏرٽي جي ڪَشَٽ..."

"تہ متان صحافي نہ اچي وڃن..." هڪ اڌڙوٽ شخص هجوم مان رڙ ڪري ڳالهايو، "۽ ڪن نہ اُلڪ ملڪ ۾ خواري، تہ سرڪاري اسپتالن جون بجيٽون هڙپ ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي ان جي عملي ان طرح، مريضن جا ٻار ڪپائڻ جو بہ خفيہ ڌنڌو شروع ڪري ڏنو آ...!!

فوتي ڪوٽا...

"سوچيان ٿو ته نوڪريءَ تان رٽائر ڪريان..."

"اجا ٻه سال پيا ٿئي. ايتري تڪڙ ڇو؟"

"خبر ٿئي ته پٽ ڪي پر سال پرٽيو هيم. نوڪريءَ لاءِ ڪاٽي پير لڳيس ئي ڪونہ ٿو. هوشيار ڏاڍو آهي، رٽن ٽيسٽ هر انٽرويو جي پاس ڪري ٿو وڃي، پر پر واءِ واءِ ۾ ڪيري ٿا وجهنس..."

"ڇو ته سفارش ۽ ڏوکڙن ۾ نڪلها آهيو. ائين نہ؟"

"ها، صحيح ڳوٽ پڳي ٿئي. هتي ادا يا هجن ڏوکڙ، جيڪي پرن وزيرن ڪبيرن جا پيٽ، يا هجي زبري سفارش. ٻئي شيون اسان مسڪينن کان پري، تڏهن تير نشاني تي لڳي ئي نہ ٿو. گسي گسي ٿو ٻئي..."

"ڪو هلڪو ڦلڪو ڏنڊو ڪيڙي ڏئيس نہ..."

"پيٽ ۾ ئي پورا آهيون پائو، بنا چوڳي واري ڪالرڪي. پگهار سُڪي پُڪي اهائي آ. ڳيتون ڏئي ٿا مهينو گذاريون. ڪا معمولي بيماري ٻه مُنهن ٿي ڪيڙي نہ، ته اصل مصيبت ۾ ٿا اچي وڃون. تڏهن ٿو چوان ته وقت کان اڳ رٽائر ڪريان. جيئن رٽائرمينٽ جي ڏوکڙن مان ڪو ڪري سگهڙ جهڙو ڏنڊو مان ٻه ڪريان، ته پٽڙي کي ٻه جاءِ خالي ڪرڻ ڪري سن ڪوٽا ونې ڏيان. نہ ته چاڙهو نہ ٽيندو. واڳن جي وات مان ڇوڪرو ڪا ٻي نوڪري ڪيڏا ٻه زور ڏيندو، ڪڏهن ٻه ڪيڙي نہ سگهندو..."

"پر سن ڪوٽا ته سرڪار ڏاڍ مڙسي ڪري بند ڪري ڇڏي آ. هاڻي رڳو فوتي ڪوٽا آ. يعني نوڪريءَ دوران جيڪڏهن ڪو مرندو، ته پوءِ ئي ان جي ڪنهن پونير کي نوڪري ملندي..."

"مار، اها سڌ ته مونکي هئي ئي ڪونہ..."

هفتي ۾ هڪ دفعو معمول موجب ملي ٻيئي ننڍپڻ جا دوست عبدالخالق ۽ محمد رمضان بل ۽ بيري جو ٽِپُ ڏيئي هوٽل جي ٽيبل تي چانهه جا خالي ڪوپ چڏي اٽيا ۽ ٻاهر نڪري هڪٻئي کان ساڳي گرم جوشيءَ سان موڪلائي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا.

.....

صبح سان عبدالخالق مري ويو. سندس پاسي کان چڻي پيل هئي. جنهن ۾ لکيو هئائين، "جي مان خودڪشي نه ڪريان ها، ته منهنجا ٻچڙا، فوتي ڪوٽا جو تون ڪڏهن به دعويدار ٿي نه سگهين ها...!!"

انڌير نگري...

"ڪالهه ابا، الله منهنجي ڪارپٽ رکي ۾ گهرواريءَ جي ڪردار کي به بچايو..."

"ڪيئن پلا؟..."

"گهرواريءَ جي سيزر هئي، سو ڊاڪٽرياڻيءَ چيو ته هڪ رت جي ٽيلهي موجود ڪري رکجو. جنهن لاءِ پاڙي جي هڪ نوجوان کي بلڊ بينڪ وٽي ويس. جتي هن جي بلڊ اسڪريننگ ڪري ليبارٽري ٽيڪنيشن مونکي رازداريءَ ۾ چيو. هِنَ نوجوان کي موتاءِ. سندس رت ڪارائتي نه آهي..."

"اڇا!..."

"ها، ۾ پوءِ جڏهن نوجوان کي واپس ڪيو ته ٽيڪنيشن مبارڪون ڏيندي ٻڌايو. ته بلڊ ڏيڻ واري نوجون کي ايڇ آءِ وي پازيٽو هئي. مالڪ بچايئي، جي شهر جي بي ڪنهن غير معياري بلڊ بينڪ مان رت ڪيرائي گهرواريءَ کي لڳرائين ها، ته هڪ ته ويچاري بيگناهه ايڊز جي مرض ۾ وڃجي ويجي ها، ٻيو جڳ جهان جي نظرن ۾ سندس ڪردار به مشڪوڪ ٻڌجي ويجي ها..."

"صحيح ڳالهه ڪيائين. واقعي مالڪ توکي پنهنجي پناهَ ۾ رکيو..."

"ها، بس ٻاجهه ٿي وئي. ٽيڪنيشن وڌيڪ ٻڌايو ته، شهر جي اڪثر غير معياري بلڊ بينڪن جي ڪري ايڇ آءِ وي جي مريضن جو انگ هزارن ۾ آ ۾ اها مسلسل سرڪاري اڪيوٽ جي مهربانين سان، هاڻي خير سان صوبي ۾ ملڪ ۾ ته نهيو. اسانجي ننڍڙي شهر ۾ ئي وبائي صورت اختيار ڪري وئي آ..."

"معنيٰ ته پاڻ جهڙوڪر انڌير نگريءَ ۾ پيا رهون نه..."

"ها، انڌير نگريءَ کي ٻيا سگ ٿيندا آهن چا...!!"

تارازيءَ ۾ ڪاڙ آهي...!

"ڊاڪٽرن مڙسي ڪري سڊ حڪومت کان نيٺ پنهنجا مطالبا منظور ڪرائي ورتا."

"ها، ٻڌيءَ ۾ وڏي طاقت آهي."

"پلا اهڙي ٻڌي توهان ليڪچرار ۽ پروفيسر چونہ ٿا ڪيو جو ملڪ جي ٻين صوبن وانگر اوهانکي بہ سرڪار ٽائيم اسڪيل ۽ ٻيون مراعتون ڏئي..."

"ان تي افسوس ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نٿو ڪري سگھجي..."

"چو؟"

"انڪري تہ اسانجي تاڙي ٻن هٿن سان نہ ٿي وڄي."

"اهو تہ پنهنجي پير تي پاڻ ڪُهاڙو پيا وسايو. جڏهن تہ توهان جي ئي تعليم ڪاتي ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊريءَ جي استادن ڊاڪٽرن جهڙي جدوجهد ڪري ڪجھ سال اڳ ۾ اهو وٺي ڇڏيو آ..."

"برابر..."

"هي اوهانجو تعليم جو وزير تہ ڏاڍو روشن خيال ۽ ترقي پسند شاعر ۽ اديب آهي. ان کي تہ پهرين فرصت ۾ ان پاسي غور ڪرڻ گهرجي ۽ انوقت کان توهانکي ٽائيم اسڪيل ڏيڻ جا احڪام جاري ڪرڻ گهرجن، جڏهن کان پرائمري ۽ سيڪنڊريءَ جي استادن کي ڏنو ويو هو..."

"ها، ٽيڻ تہ ائين گهرجي. پر ڏک جي ڳالھ اها آهي تہ ائين نہ ٿيو ٽئي ۽ تارازيءَ جا ٻئي پڙ برابر ناهن. جي هجن ها تہ گذريل مهيني جي ايڪتيهين تاريخ تي اٺتيهن سالن جي سروس ۾ رڳو هڪڙو يعني ارڙهون گريڊ حاصل ڪري اوهانجو هڪ استاد ائين رٽائر نہ ٿئي ها. ايڪويهين نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊري استادن جي تازي ميجل مطالبي وانگر ويهين گريڊ جون مراعتون وٺي پوءِ ئي وڃي رٽائر ٿئي ها...!"

پَھَڑَ ۾ پيچرو

"رات پڻهين ڏاڍي ڏک سان پئي چيو. ته توکي انجنيئري پاس ڪئي پريا ٿي سال ٿي ويا هِن، ايڏا بيروزگار آهين..."

"امان، ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور آ. مون وانگر هزارين انجنيئر بيروزگار ويٺا آهن. سرڪار نوڪريون ڏئي ئي نٿي ته ڇا ڪجي..."

"ته هيترا جفا خفا ڪري ۽ پيٽ ڪي مُنيون ڏئي جو توکي پڙهايوسي، ته ڇا ان لاءِ ته تون هَٿَ تي هَٿُ رکيون ويٺو هُج ۽ پيرسن پيءُ پورهيا ڪري ايڏا ٻه پيو تنهنجو پيٽ پالي..."

"مون هيل تائين هَٿَ تي هَٿُ ڪٽي رکيو آ امان، انجنيئريءَ ۾ جايون نٿيون اچن، ته هلڪين نوڪرين لاءِ ٻه اپلاءِ ڪري انٽرويو ته ڏيندو ٿو وتان. پر نوڪريون ملن ٿيون سفارش ۽ پئسي تي، جيڪي منهنجي وَسَ ۾ ناهن ته مان ڇا ڪريان..."

"ڪرڻ وارو ڪجهه پي ڪري سگهي ٿو. رڳو سرڪاري نوڪريون آهن ڇا..."

"مونکي ته ڪو دڳ نٿو سُجهي. نه ئي پاڻ وٽ ڪو پئسو پنجڙ آهي، جن مان چگو نه ته، هلڪو ڦلڪو ئي وڃي ڏنڊو ڪجي..."

"پڻهين ۾ هاڻي وڏيڪ مزوري مڙيءَ جو حال ڪونهئي. ٻيو ڏسين ٿو ته، هِڪَ نه ٻي ٻه ڪونه ٿي ڇڏيس..."

"ها امان، سڀ ڏسان ٿو. انڊو ناهيان..."

"بس ابا، پاڻ جاڻُ..."

ماءُ جي چهري تي وڏيڪ ڏک جا گهنج مِڙي ويا، ته هو انهن ۾ گهٽو نهاري نه سگهيو ۽ اوڏي مهل ئي گهر ڇڏي ٻاهر نڪري ويو...

....

سج لٿي ڪانپوءِ گهر وريو ته پڌس ايڏا گهر نه موٽيو هو. ماڻس ساڻ

آندل سيمينٽ وغيره ڊوئڙ واري ٽرالي ڏسي پڇيس، "هيءَ ڇو آندي ٽئي؟..."

"هڪ دوست کان اڌارا پئسا ونڻي ورتي ٽم. صبحاڻي کان ماهوار ۾ سئو رپين جي حساب سان سڄي پاڙي جي گهرن سان هن نئين ڌنڌي جي شروعات جي بولَ ڪري آيو آهيان تہ انهن جو ٻُهاريل گند ڪچرو هن ٽراليءَ ۾ ڪٽي وڃي گند پيتيءَ تي اڇلينڊس..."

صدقو

"چاچيءَ کي يارَ، ڪراچيءَ جي ڪنهن چگي ڊاڪٽر کي ڏيکار..."

"اتان جي ڊاڪٽرن جو ب ساڳيو حال آ. سڀ ڏنڏوڙي ٿي ويا آهن..."

"پوءِ ب هتان جي پيٽ ۾ اتي هروپرو اوندھ ناهي. جي اڪثريت ڏنڏوڙن جي آ، ت ڪجھ آهن، جيڪي انسان دوست ب آهن..."

"مونکي نٽو لڳي. زماني جو ڪو واءَ ئي اهڙو گھُليو آهي، جو چگائي ڪٽي ليي ئي ڪونہ ٿي..."

"منهنجي نظر ۾ ڪجھ سنا ڊاڪٽر آهن، جن جي في ب مناسب آهي، ت هَٿَ شفا ب اٽن. رڳو وڃڻ جي دير آ. چاچي صفا نئوبني ٿي ويندي..."

"سچ پچين ت ڪراچيءَ کان پاڻ کي يَڙُ ٿو ٿئي. اتي وڏي دنيا کپي..."

"اڙي نہ بابا، سئولي آ. پلا ٻڌاءِ، تو وٽ ميڙي پونجي ڪيتري آ؟..."

"ائين ت ڪونهي. باقي هڪ پاڏو آهي..."

"ڪيتري مُلھ جو ٿيندو؟..."

"پنجاھ هزار ڪن جو ٿيندو..."

"اهي گھٽا پئسا هَن. پهرين فرصت ۾ پاڏو ڪپاءِ ۽ چاچيءَ کي ڪراچيءَ ڪَڻُ. مان ب پنهنجي خرچ تي رليو ٿو هلانءِ. جيئن ڏکيائي نہ ٿيئي..."

"چگو ڪيئون ٿا صلاح..."

.....

صبح سان در کڙڪيو. ٻاهر نڪري ويس تہ سنگتي بينو هو. ڪاري شاپر ۾ ڪجهہ هيس. هٿ وڌائيندي چيائين، "پاڻو ڪُهي امان جو صدقو ڪڍيوسي. هي انهي جو گوشت آ..."

بُڪ ڪونہ پِنايون ها...

"متان اهڙو ڪَسو ڪم ڪرين..."

"بابا، مون پي سي ايس جو امتحان اهو سوچي ئي ڏنو هو تہ جي پاس ٿي ويس تہ هيءَ نوڪري ڇڏي ڏيندس..."

"بلاشڪ ڇڏ، پر جڏهن اها تنهنجي هاٿوڪي نوڪريءَ کان مٿي هجي نہ..."

"مختيارڪاري ليکچراريءَ کان سئو دفعا مٿي آ بابا..."

"سورهين گريڊ جي نوڪري سترهين کان مٿي آ، ڪهڙي حساب ۾!؟..."

"عزت ۾، شهرت ۾ ءِ..."

"ءِ دولت ۾، ائين نہ؟..."

"ها بابا، ءِ نہ رڳو دولت ۾ پر پروموشنس ۾ بہ..."

"ڪيئن؟..."

"هتي ٽيهہ ٽيهہ سال گذري ٿا وڃن، تہ اوٽويهين گريڊ ڪي بہ نٿو پهچجي ءِ سرڪار ٽائيم اسڪيل ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي، تہ اهڙي صورت ۾ آخر ان ڏيڻ ۾ ڇو رهجي. ٻڌاءِ، جي تون بہ پرائمري ماستريءَ بجاءِ ملئي بہ پئي، تہ درست فيصلو ڪري تڏهن تپيداري ونين ها تہ پاڙيسري علي نواز تپيدار وانگر پاڻ بہ بہ ٿي سئو جريبن جا مالڪ هجئون ها ءِ هيئن ليکچراريءَ تائين پهچي بہ بڪ ڪونہ پِنايون ها..."

پيءُ پٽ تي نظر مرڪوز ڪري اکيون چنيڻ ڇڏي ڏنيون...

انصاف جي پيلَ...!

طوفاني رفتار سان ڊوڙندو صديق ڪچي سڙڪ کان روڊ تي چڙهڻ وارو ئي هو، ته معجزانہ طور اوڏي مهل بس به اچي پهتي.

جيئن ئي بس اندر داخل ٿيو، ته سهڪندي ايلازن واري انداز ۾ ڪنڊيڪٽر کي پوئتي هٿ کٽي اشارو ڪري چيائين، "پائو، هو پريان جيڪي همراه ڊڪندا پيا اچن، اهي مونکي جيئرو ساڻڻ ٿا چاهن. خدا جي واسطي منهنجي زندگي بچايو..."

"استاد، گاڏيءَ کي پيلَڪَ ڏي. جلدي، مڙس جو سِرُ بچاءِ. پڃاءِ..." ساڳئي وقت صديق کي چيائين، "تون هيڏانهن ويهُ ادا، گهبراءِ نہ..."

بس رفتار وڌائي روڊ جي سِڊَّ ۾ ڊوڙڻ لڳي، ته ڪنڊيڪٽر اڳتي وڃي موٽي آيو ۽ ٿورو سامت ۾ آيل صديق کان پڇيائين، "نوجوان، هاڻي ٻڌاءِ، اهي توکي ڇو پيا ساڻڻ چاهن؟..."

"پنج سال اول پسند جو پرٽو ڪيو هيم ادا، ڪورٽ جي اجازت سان. جنهن تي ساهرن جرڳو ڪوڙائي اسان تي ڪارنهن جي فتوا مڙهي ۽ ڏهہ لک چٽي وجهڻ سان گڏ، ڳوٺ اچڻ تي پابندي وڌائون. چٽيءَ جا پئسا ته بني کپائي ڏنم ۽ ڳوٺ ڇڏي وڃي شهر وسايم. پنجن سالن کانپوءِ پاٽيجو آيو. ڳوٺ ۾ پنهنجي شاديءَ ۾ اچڻ جو سَڏ ڏنائين. گهٽو ئي چيومانس ته ڳوٺ اچڻ سُنو نہ ٿيندو، پر ڳِڪَ ٿي پيو ۽ مان به زال شهر ۾ ڇڏي، اڪيلي سِرِ ڇُڪَ ڪري شاديءَ ۾ هليو آيس. رات شادي کائي، نيرن ڪري نڪتس مس، ته ٽن سالن ڳوٺ کان ٻاهران هڪلون ڏئي سُڪَ ڪيو. هڪ کي پئٽرول جو ڏهو ساڻ هو. مٽان هاري تيلي ڏيڻ وارا ئي هئا، ته الله الائي ڪاٿئون طاقت ڏني، جو پاڻ ڇڏائي ونئي پڳس. پنيان هڪڙي کي ريوالو به هيو. ڇهَ ئي گوليون سِڌيون

هلايائين. پر مالڪ بچايو ۽ واهرُو ڪري اوهانجي بس کي هيئن جلدي مُنجيائين..."

"چوندا هَن، جنهن کي رَبُ رکي، تنهن کي ڪير چکي..." ڪنڊيڪٽر چيو.

"بيشڪ..." هڪ مسافر وراڻيو.

"يارَ، هي ظلم وڏو آ بابا،" ڪنڊيڪٽر جڙ سيني مسافرن سان مخاطب ٿيندي چيو."اڙي، پسند جي پرٽي جي تہ اسانجو پنهنجو مذهب بہ اجازت ڏئي ٿو، تہ ملڪي قانون بہ. پر..."

صديق جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. ڏڪندڙ چپن سان چيائين،"افسوس اهوئي تہ آهي، تہ قانون ڪتابن ۾ لکيل آهي ۽ انصاف جي پيلَ ڪندڙن جا هَٿَ ائين ئي آجا آهن، جيئن منهنجي ساهرن جا...!"

لازمي سنڌي هيئن پڙهائجي...

"توهان بس ڪيو مان ڳالهايان ٿو. هي سنڌ اسيمبليءَ جي تازي پاس ڪيل خانگي اسڪولن ۾ لازمي سنڌي پڙهائڻ واري نهراءَ جي ڳالهه ڪونهي. نه ئي ان تي عمل ٿيڻ جي ڪا اسان کي اميد آ. انڪري گڏجي اوهانکي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪرڻ آيا آهيون..."

"چئو چئو سائين..."

"توهان اهو ته ڄاڻو ٿا نه، ته اسان پندرهن ڇٽا ويهن ٻارن جا والدين آهيون؟..."

"جي جي..."

"اڳ ۾ فردن فردن اسان الائي ڪيترا ڀيرا اوهانکي چئي چڪا آهيون، ته پنهنجي خانگي اسڪول ۾ سنڌي پڙهائڻ لاءِ هر ڪلاس ۾ هڪ استاد ضرور مقرر ڪريو. پر افسوس ته اوهان سڀائين اسانجي ڳالهه هڪ ڪَنَ کان ٻُڌي، ٻئي کان ڪڍي ڇڏي!..."

"ان لاءِ اسانجون ڪي مجبوريون آهن نه سائين..."

"ڪي به مجبوريون ناهن. اسان سڀ سمجهون ٿا. پر سنڌي نه پڙهائي ۽ ان استاد جي پگهار جا پئسا بچائي، اوهان ڪڏهن سوچيو آهي، ته اهو ڏوهه آهي. وڏي ۾ وڏو ڏوهه. ٻڌايو مادري ٻوليءَ ۾ ٻار کي تعليم نه ڏيڻ ڏوهه نه آهي؟..."

"سائين، اوهان جذباتي ٿا ٿيو..."

"جذباتي نه ٿا ٿيون. نه ئي گڏجي ڪو دنگل ڪرڻ آيا آهيون. اسان اسڪول مان پنهنجي ٻارن جا نالا ڪڍرائڻ، يعني ٽي سي وٺڻ آيا آهيون. ڇو ته اسان پاڻ ۾ طئي ڪيو آ، ته پنهنجا ٻار اتي پڙهائيندا سون، جتي سنڌي ٻولي پڙهائجي ٿي..."

"ٿوري مهلت ڏيو. تڪڙ نہ ڪريو. مان اسڪول جو پرنسپال آهيان، مالڪ ناهيان. سو مالڪ سان ڳالهائڻ ڏيو صبحاڻي تائين..."

"ٺيڪ آ، صبحاڻي هن وقت تائين ايندا سين..."

.....

ٻئي ڏينهن تي پرنسپال کين ٻڌايو تہ "اسڪول جي مالڪ هر ڪلاس لاءِ سنڌيءَ جو استاد مقرر ڪرڻ جو اوهانجو گڏيل مطالبو مڃي ورتو آ..."

ٻاهر نڪتا تہ چوڌهن ڇٽن کي گڏي هڪ آواز ٿي مطالبو ڪرڻ واري پندرهين شخص گد گد ٿيندي چيو "سنڌي لازمي پڙهائڻ واري سرڪاري حڪم کي نہ ڪنگهڙ وارن انهن خانگي اسڪولن ۾ جيڪڏهن اسان وانگر والدين گڏجي ان طرح مطالبو ڪندا، تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، تہ صوبي جو ڪوئي بہ خانگي اسڪول سنڌيءَ کي لازمي ڪري نہ پڙهائي..."

تہ پوءِ ميانو...

"اسانجي ستن پيڙهين ۾ ڪڏهن ڪنهن نياڻي ٻار جنم ونڻ کان مرڻ گهڙيءَ تائين گهر کان ٻاهر پير نہ رکيو. مجبوريءَ ۾ اتفاقن جي ٻاهر وڃڻو به پيو، تہ سَتَن پردن ۾ ويڙهي پوءِ ڪيندا آهيون يا مان غلط ٿو چوان؟..."

"نہ چاچا، اوهان صحيح پيا چئو..."

"تہ مڙسهن ڪنهن جي اجازت سان زرينہ کي پهريان ڪاليج ۾ ۽ هاڻي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ جي چوٽ ڏئي ڇڏي آ..."

"پراڻين ڳالهين کي ڇڏيو چاچا، زمانو بدلجي ويو آ. ٻيو علم حاصل ڪرڻ جو عورت کي ٻہ حق آهي ۽ هجڻ گهرجي. وقت جي روشن خيالي ٻہ تہ اهو ئي ٿي چوي..."

"ڏوڙ پئي آ اهڙي روشن خياليءَ کي. مونکي پنهنجي بابي ڏاڏي جي رسم وڌيڪ پياري آ مائي، جهلي ڇڏينس. جي منهنجو پٽ آ، تہ هڪدم ڏيئُ جو پڙهڻ بند ڪري. ٻي صورت ۾..."

"چاچا، اوهان آپي کان چوٽا نڪرو..."

"زبان بند ڪر. نڪري ويو منهنجي گهر مان. ويجي ان شهر ۾ پُڏي مرہ. جنهن اوهان کان حَياءُ شَرَمُ کسيو آ. اڄ کانپوءِ منهنجو اوهان سان نہ لانڊو نہ پانڊو. سمجهندس رڳو ٽي پٽ آهن. چوٽون آهي ئي نہ..."

.....

ٽاڪ منجهند جو زال مڙس ڏيئُ زرينہ سميت ڳوٺ جي گهر کان نڪري شهر ڏانهن راهي ٿي ويا...

....

زرينہ سي ايس ايس پاس ڪري اي ايس پيءَ جي درجي تي پهتي

۾ پهرين پوسٽنگ دوران خاص طور تي سيڙجي ڏاڏي سان ڳوٺ ۾ ملڻ آئي، تہ ڏاڏي جي ٽن سالن جي ڪاوڙ الائي ڪاڏي هلي وئي. خوشيءَ ۾ ڪُٽو نہ ٽي ماپيو. ٽنهي پٽن جي نياڻين کي هڪدم سڏي هن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "ڏسو تہ، منهنجي هِنَ پوتيءَ خاندان جو ڪيڏو نہ نالو روشن ڪيو آ. اوهان بہ هِنَ جهڙيون ٽي ڏيکاريو، تہ پوءِ مڃيانئو..."

مان آڇي...!

پوءِ ڪجهه ڏينهن کان ننڍپڻ جا دوست رفيق ۽ پرويز اوچتو ڇڙي پيا. رفيق هَمَر ڪئي نه تَمَر. ڇڪي ڪٽي وَر مان رِوالور ڪڍيائين. ۽ گوليون زوريسان پرويز جي لُڪيءَ ۾ دل ۾ پيوست ٿيون. فضا ۾ دانهن جا آواز ٻُريا. ڇهن فوٽن جو جاننو پرويز ڪِهڙ جي پُوٽيءَ وانگر ڦيراتي ڪائي اچي پَٽَ تي ڪريو. رت جو تيز ڦوهارو رفيق جي چهري تي شفق جا رنگ ڇڙي ويو. ساهه جو پکي ان ئي گهڙيءَ پيچري جا پاندَ ڇڏي آسمان جي وسعتن ڏانهن راهي ٿيو.

"بابا، پرويز کي ماري وِڌم!..."

"نه، نه؟..."

"ها، پوءِ ۾ ڳالهه وڌي وئي..."

"فهر ڪري ڇڏيئي. زبري ذات مان اَڙجي وياسي. ڪيرُ ڇِندُ ڇڏائيندو..."

"ان لاءِ مونکي هڪ دڳ سُجهي ٿو..."

"ٻڌاءِ..."

"پاڃائي شَمل..."

"سمجهي ويس. پر پاٽين جي جو دل ٽس ڏاڍي..."

"ان کي سنيال..."

"ٺيڪ آ. تون ڪاڏي آن؟..."

"شهر کان ٻاهر آهيان..."

"جلدي پهچڻ جي ڪَر. تيستائين مان پاٽين کي ڪيان ٿو پَڪو..."

.....

شَمل کي اوطاق ۾ سهري ۽ مُڙسنهس وچ ۾ وڏي جهِڳِ جهِڳان

کانپوءِ پاڻ ۾ سهمت ٿيڻ جي ڳالهه گهر ۾ ٽانوَ ٻُهاري ڪندڙ نوڪرياڻي نصيبان واتان ڪَن پئي، ته جُتي به نه پاتائين ونِي پيرن تي زور ڏنائين...

پناهه لاءِ پاڙيسري ڪراڙي رَبَنَ جي گهر ۾ گهڙي ته سهري جا موڪليل ماڻهو ٽڏي تي پيرو ڪڻي اتي اچي پهتس ۽ ڪاهَ ڪري گِهلي ٻاهرين پڌر تي اچي اڇليائونس...

"ڪاڪا رَبَنَ، بچاءِ. مان تنهنجي ڏيءُ ياڳيءَ جي سهيلي..."

شَمل پَٽَ تي ڪريل رَئو ڀِڄيءَ ۾ ڳارو ڪري ڪنڌ جهُڪايل رَبَنَ کي چيو.

"او ياڻو منير، منهنجا ٽَيجُ شريڪ ياءُ..."

کن ۾سجو ڀُوٽ اچي گڏ ٿيو. سيني جون زبانون گونگيون. شَمل جون منٽون ۽ ليلڙاٽيون. "اڙي، ڪٽو ته قسم، مان بيڏوهي ناهيان؟ ٻُڌايو، هِي ڪيل خونَ مان آجو ٽيڻ لاءِ ڪوڙو ڪيلُ نه ٿا رچائن؟ مان ڪيرَ جهڙي اَچي..."

رفيق جي هٿن ۾ پڪڙيل رِوالور جي گولين جي گوڙ ۾ شَمل جملو پورو ڪري نه سگهي ۽ وٽن تي وينل پکي هن جي ساهَ پکيءَ سان ٽاهُ ڪائي آسمان ڏانهن انهن آوازن جا پڙاڏا ڪٽي گڏ اُڏامندا ويا..."ڪاري آن... ڪاري آن... ڪاري...!"

فيصلو...

"روشن خيالي انڊ جي گھوڙي تي سوار ناهي ٿيندي ڏيءَ، ڪجھ سوچ..."

"انڪل، بابا جي وفات ڪانپوءِ مان اوهانکي ان جي درجي تي سمجھندي آهيان. جيئن هو منهنجا والد سان گڏ بهترين دوست هئا، ائين ئي اوهانکي پانئيندي آهيان. تڏهن هر ڳالھ، ڪرڻ جھڙي ته ٺيڪ، نہ ڪرڻ جھڙي بہ شيئر ڪندي آهيان ۽ ڪوشش ڪندي آهيان تہ اوهانجي صلاحن تي سئو فيصد عمل ڪريان. پر هي منهنجي دل جو فيصلو آهي، انڪري..."

"تنهنجي مرضي بابا، پلي پنهنجي دل جي فيصلي تي عمل ڪر. پر جيڪو ٽائيم توکي سوچڻ جو ۽ چئني پاسن کان جائزو ونڊي پوءِ حتمي فيصلي ڪرڻ جو آهي، اهو هٽان نہ وڃاءِ. موبائل تي دوستيءَ کي عشق سمجھڻ جي غلطي نہ ڪر..."

"هيءَ غلطي ناهي انڪل، مون سيکجھ سوچي پوءِ ئي هن سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي..."

"معاف ڪجانءِ ڏيءَ، تون پاڻ ٽي چوين تہ پيءُ تغاريءَ وارو مزدور ٿس. پاڻ مٿرڪ ۾ پڙھڻ ڇڏي ڏنئين. پنجويھن سالن جو هوندي بيروزگار آ. ڪک پيچي ٻيٽو نٿو ڪري. ويتر موبائل ۾ جيڪو فوٽو ڏيکاريو ٽئي، ان ۾ هن پلي انسان کي هٿ ۾ سگريٽ پکڙيل آهي. معنيٰ تہ ڪو نشو پتو بہ ڪندو هوندو..."

"نہ انڪل، مونکي يقين آ..."

"تون هن سان گڏ تہ ناهين نہ ڏيءَ، جو تصور ۾ ۽ هروپيرو هن تي يقين ڪري وينءِ آهين..."

"پائو، مان بہ ائين ئي پئي سمجھايانس. پر نہ ڏنئين، نہ ملي، پوءِ

بہ اکن شکن ٹي پئي آ. مان اڪيلي بيوه زائفان. اولاد بہ اها هڪڙي ئي ڏيءَ. پورهيا ڪري ايم اي تائين پڙهايو ٿمانس. ضد ڪري بيني تہ اها ٽچ موبائل بہ قرض کٹي ونڻي ڏني مانس، جو چوي پئي تہ ان مان گھٹا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندا. جيڪي پڙهي نوڪريءَ لاءِ تياري ڪندیس ۽ جيڪي خريدڻ کان ڳرا آهن. اهو ڪم اتي. هيئن پنهنجا پيرَ ڪيڊي بيني آ. الله کا مَتِ ڏئيس. مان تہ ڏئي ونڻي بيني آهيان..."

"ياڃائي، تون نہ روءُ. ٹيڪ آ بابا، مان هلان ٿو..."

.....

رات جا يارهن ٹيا هئا. سيل فون جي گھنٹي وڄي. کٹي کن تي رکيائين تہ چئي رهي هئي، "انڪل، مون هن کان سندس گھر جي ايڈريس پڇي تہ خبر پئي تہ هو منهنجي هڪ سهيليءَ جو پاڙيسري آهي. جنهن کان معلوم ڪيم تہ اوهانجي ڳالھ درست نڪتي. هو چور ۽ لفنگو آ. بہ چار پيرا جيل بہ ويو آ ۽ نشئي بہ وڏو آ. انڪري کيس ان فريندِ ڪري ڇڏيو اٿم..."

وڃي علاج ڪراءِ...

جڏهن ڪان پاڙي ۾ لڏي اچي وينو آهيان، قائم الدين اڪثر شام جو اوطاق وارو ڪمرو ڪليل ڏسندو آ، تہ هليو ايندو آ ۽ سدائين پنهنجي پير واري گهر جي رهواسي خادم حسين جي شڪي مزاجيءَ جا احوال پيو ڪندو آ. ڪڏهن ڪڏائيندو آ تہ، "رات زال کي ان ڳالهہ تي ڪُٽڪو ڏنائين تہ ويچاريءَ بن سالن کانپوءِ پيڪن ڏي ۽ بيمار ماءُ جي عيادت لاءِ ڪيس وٺي هلڻ جو چيو. ڏاڪا ڪڏي چڙهي ويس ۽ ڪنهن يار سان انجام جو شڪ ڪري اها ڪيائينس، جو ڪوئي دشمن سان بہ نہ ڪري..."

ڪڏهن چوندو، "گهٽيءَ ۾ ڪيڏنڊڇهن سالن جي پٽڙي کي خادم حسين جي زال گهر جي ٻاهرين در جي اوٽ ۾ بيهي ڪنهن ڪم سانگي سڏ ڪيو تہ اتفاقن اوڏي مهل هن گهر ڏانهن ڪنهن ڪم سان ايندي ڏسي ورتس. پادر لاهي تيستائين ڪُٽيندو رهيس، جيستائين زائفان حَواس وڃائي بيهوش ٿي زمين تي نہ ڪري!..."

ڪڏهن وري خادم حسين جو ذڪر ڪري چوندو، "شڪي مزاجي وڏي بيماري آ سائين. مان ڇئي نٿو سگهانس، نہ تہ جيڪر ڇئي ڏيانس، تہ مهل سان پنهنجو علاج ڪرائي. جيئن ڪنهن وڏي جَهولَ ۾ نہ پوي..."

اڄ شام جو اوطاق ٻاهران پنهنجي ننڍڙي ڏيءَ کي قلفي وٺي ڏئي رهيو هوس تہ قائم الدين کي چار زائفاٽن ڪپڙن جا طاقيا ڪٽي ايندي ڏٺم. تہ حيران ٿيندي پڇيومانس، "ايڏا طاقيا ڪپڙن جا ڪاڏي ۽ ڪنهن لاءِ ڪنيا اٿئي؟..."

وراڻيائين، "زال کي پسند ڪرائڻ لاءِ ٿو ڪنيون وڃان..."

"ڇو" وڌيڪ حيران ٿيس، "دڪان تي وٺي وڃي پسند نٿو

ڪرائينس. يا، اديءَ جي طبيعت ٺيڪ ناهي..."

"نہ، سپ ٺيڪ آ. پر شادي کانوٽي ڪنهن دڪان تي نہ وٽي ويندو آهيانس ۽ گهر ۾ ئي لتا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان آڻي پسند ڪرائيندو آهيانس..."

"ڇو، دڪان تي نہ وٽي وڃڻ جو سبب؟"

منهنجي سوال تي ڦڪي کل کلندي چيائين، "جي ڪنهن دڪاندار سان ٺهي وڃي تہ چا ڪندوسانس سائين..."

قائم الدين ائين چيو تہ مونکان بہ رهيو نہ ٿيو. اتيئي چئي ڏنومانس، "مار، چئبو تہ خادم حسين کان تہ وڏو شڪي مزاج تون آن ياءُ، وڃي علاج ڪراءِ..."

انهن کي بہ خبر پوي...

"اسان پڙهيل لکيل عورتن پنهنجي تحريڪ جي پليٽ فارم تي مظلوم ۽ ستايل عورتن لاءِ وڏو آواز اٿاريو آ..."

"برابر..."

"۽ ڪاروڪاريءَ جي اِشوءَ تي تہ وڏا وڏا سيمينار ۽ ڪانفرنسون ڪري سڄي دنيا ۾ ان کان نفرت ڪرائڻ لاءِ ڏهن ئي آڱرين جو زور ڏيندیون رهيون آهيون..."

"برابر..."

"ڪنهن گهريلو عورت تي تشدد ٿيندو آ تہ اسان ان تي بہ ساڳئي نموني پنهنجو ردعمل ظاهر ڪندیون آهيون..."

"برابر..."

"ٻيو ڪيترائي پيرا عورتن ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ خاص طور تي وڏن شهرن ۾ ريليون ڪيون، اهو پيغام پهچائيندیون رهيون آهيون، تہ دنيا جي مڃيل انساني حقن واري چارٽر ۾ عورتن جا جيڪي حق طئي ۽ تسليم ڪيل آهن، اهي اسانجي عورتن کي بہ ملڻ گهرجن ۽ جيستائين نہ ملندا، تيستائين اسانجي جدوجهد جاري رهندي..."

"برابر..."

"اسانجي تحريڪ نام نهاد اين جي اوز کان بنهين مختلف ۽ ڏيکاءَ واري نہ آهي ۽ نہ ئي ڪنهن ٻاهرين ملڪ جي فنڊنگ سان اسان پنهنجا پيءَ پريندیون آهيون..."

"برابر..."

"هڪ ڏينهن اوهان ڏسندا تہ اسانجي تحريڪ رنگ لائيندي ۽ هِتان جي عورت هر غلاميءَ کان نجات ماڻيندي. اهو ڏينهن گهٽو پري ناهي..."

"ها، گھٽو پري ناهي. پر اهو ان صورت ۾ منهنجي پيٽ، جڏهن ننڍين وڏن شهرن کان علاوه ننڍين ننڍين ڳوٺڙن ۾ به جن جن عورتن سان ڪارو ڪاري، گهريلو تشدد يا ٻئي ڪنهن به قسم جو ظلم ٿئي ٿو، تہ اوهان سڀ خفا ڇڏي لازمي ۽ فوري طور تي انهن ماڳن مڪانن تي وڏي تعداد ۾ پهچي، اتي پنهنجا پيرَ کوڙي جبلن وانگر اٽل ٿي بيهو ۽ آواز کي ايڏو بلند ڪيو، جيئن ملڪ جي هر عورت تائين اوهانجو آواز پهچي ۽ انهن کي خبر پوي تہ اسانجون مالڪياڻيون به آهن. ننڍڙيون ناهيون..."

طوفان ۾ ڪڪائون گھر...

"رشيد رڳو اسانجي شهر جو ئي نہ، مان تہ ائين چوان صوبي ۾ ملڪ جو بہ وڏو بورچي هو. طرح طرح جا طعام پچائڻ جو جنون ۽ عشق هوس. چانون پچائڻ جا تہ هڪ ٻہ نہ، پندرهن ويهہ نمونا ڄاڻندو هو. منهنجي هوٽل جي وڏيڪ ناما چاريءَ ۾ هن جو ئي خاص هَٿُ هو. شهر تہ نهيو، ٻاهران بہ ماڻهو سيڙجي، قطارون ڪري اچي هن جي هٿن جا نهيل لذيذ کاڌا خريد ڪندا هئا..." رشيد جي ڪُمهلي موت تي دعا گهري شهر جي هڪ وڏي هوٽل جو مالڪ سيٺ شفيق الرحمان تڏي تي ويٺلن سان مخاطب هو.

"صدورو بہ ڏاڍو هو. ڏيوتي ٽائيم کانپوءِ ڪنهن ايمر جنسيءَ ۾ سڏبو هوس، تہ ڪڏهن نرڙ تي گهنج نہ ايندو هوس. مرڪندو حاضر ٽيندو هو. پلو انسان هو. اهڙا ماڻهو ورلي ئي پيدا ٽيندا آهن..." ٽورڙو گهنگهڪر ڪري سيٺ ڳالهہ جو سلسلو جاري رکيو. "افسوس جو ڪيس کو پُٽيلو اولاد نہ ٽيو ۽ هڪڙي ڏيئڙي ٽيس، سا بہ مستقل بيمار. ڪڏهن ڪڏهن ويهي مون سان گهر جا اهي سور بہ سليندو هو..."

"پاڙي جو بہ مثالي ماڻهو هو سائين،" سيٺ جي سامهون ويٺل پيرسن چيو. "هيڏو وڏو بورچي هوندي غرور صفا نہ هوس. نياڻي سياڻيءَ جي شناس. سيني جي ڪم اچڻ وارو. ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسندو، تہ سڪ ڦِٽي پوندو هوس. موتي فوتي ۽ شادي مرادي ۾ بہ، پاڻ ڪهڙي بہ حال ۾ هجي، ڪنهن سان پيرُ پَرڻ ۾ پوئتي نہ رهندو هو. ڪلمک. اخلاقي. واه ڙي واه رشيد سائين، تنهنجا ڪهڙا ڳُڻ ڳائي، ڪهڙا ڳائجن..."

"توهان هن کي اولڊ ايج بينيفٽ ۾ درج ڪرايو هو؟..." هڪ

نوجوان سيٽ کان پڇيو.

"نہ نہ، منهنجا ٻيا مزور اڳ ۾ رجسٽر هئا. هي پوءِ مون وٽ آيو..."

"جي پوءِ ئي آيو ۽ ايڏو مثالي بورچي به هو، جنهنجي تعريف ڏا ڪيو ۽ چئو ڏا تہ اوهان جي هوٽل جي ناماچاري ۾ هن جو ئي خاص هٿ هو، تہ ان مهابي جيڪڏهن قانوني طور هن جي رجسٽريشن ڪرائي هر مهيني هن جا ڪجهہ سئو رپيا جمع ڪرائيندا اچو ها، تہ اڄ هن جي بيوه کي پينشن ضرور ملي ها ۽ هوءَ ڪمائيندڙ جي وڇڑ کان پوءِ طوفان ۾ ڪکائون گهر نہ بڻجي ها...!

پيٽي ئي ناهي...!

"دوا تہ ورتي ٹم، پر يارَ، فائدو صفا ڪونہ ڪيو ٹئين..."

"ڪهڙي ڊاڪٽر ڪان ورتي ٹئي؟..."

"انهي پنهنجي محلي واري ڪان..."

"ڪنهن ساکَ واري ڪان وٺ. اهو جُڳاڙي ڊاڪٽر ٹئي. پڇي پاسو ڪر..."

"ڪيئن؟..."

"توکي ان جي باري ۾ خبر ناهي ڇا؟!..."

"نہ، ٻڌاءِ..."

"سڄو مارو نقلي دوائن تي ٹَسِ ءِ اهي بہ مارڪيٽ وارين ڪان هٽي ڪري سڏو سنئون جُڳاڙي ڪمپنين کي آرڊر ڏئي پاڻ ٺهرائي ٿو. جن تي ڪنهن بہ ڪمپنيءَ جو ليبل لڳل ناهي هوندو. صرف گروپ ڇاڻايل هوندو آ. اهي دوائون رڳو پنهنجي ئي ميڊيڪل اسٽور تي سيل ڪرائيندو آ. توهان سڄي شهر ۾ هٽي هٽي هَچُ ٽي پوندئو. هن جون لکيل اهي دوائون ڪٿان بہ نہ ملندوَ..."

"ها يارَ، واقعي بہ، مان سان بہ ائين ٽيو ءِ دوائون نہ پيون ملن..."

"تڏهن تہ چوانءِ ٿو، پڇي جانِ ڇڏاءِ..."

"توبهہ ڪئي. وري نہ ويندوسانس. پر هي ويسوڙو وڏو ڏئي ڇڏيئي، تہ اهو چگو لڳندڙ ڊاڪٽر بہ ان ڪڏي ڪاروبار تي لٽو آ! ؟..."

"هي هڪڙو ڊاڪٽر، نظر ڪري ڏسندين، تہ گهٽائي وڏا وڏا نالیوارا بہ ان ڏنڊي ۾ ننهن کان چوٽيءَ تائين ٻڏل نظر ايندئي ءِ خبر پوندئي تہ سڄي ملڪ جي نقلي دوائون ٺهرائيندڙ گهاگهہ واپارين جي بہ هاٽي، هِنن ڊاڪٽرن سان پُڄڙ جي، پيٽي ئي ناهي!..."

چار اَکیائيِ...!

"ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي..."

"چا جي؟..."

"پنھنجي حڪومت جي..."

"ڪھڙي ڳالھ؟..."

"جڏھن حڪومت ھڪڙي آ ته پوءِ ٽيڙائي چو؟..."

"نٿو سمجھان. ٿوري سِڌي ڪري ٻڌاءِ نه..."

"اڙي يار، ھي ڏس ته، ھڪڙي صوبي جي ملازمن جون پگھارون ھڪڙيون، ته ٻئي جون ٻيون. ان کي چا چئجي!؟..."

"برابر، ائين نه ٽيڙ گھرجي. جڏھن رياست ھڪڙي آ، ته ويچا چو؟..."

"اھو چگو عمل ناھي. پر پنھنجي صوبي جو ته حوالو ئي جُدارو آ. ھر محڪمي ۾ ڏار ڏار قانون ناھيون ويندا آھن. ھڪڙا سَرئُون سَرِ، ته ٻيا پَٽَ پَرِ. ڪن کي ڪِلي ڪير ۽ ڪندون ڪارائن، ته ٻين کي چَڪَڙَ لاءِ به نه ڏين..."

"ھا، ائين ئي التي گنگا پئي وَھي..."

"ان تي ڪورٽن کي ئي اک پٽي پاڙ مرادو نوٽيس گھرجي. نه ته ۽ اکيائيءَ جي ھيءَ پاڙ ڪڏھن ۽ ڪونه پٽبي..."

"ٻيو نه ته پائو، گھٽ ۾ گھٽ سيني محڪمن ۾ ٽائيم اسڪيل ڏيڙ جو حڪم ته ڏيڙ ئي گھرجي..."

"ھا، ان ۾ ته دير اصل نه ڪرڙ گھرجي. نه ته حڪومت جي ھيءَ ۽ اَکيائيِ نه، چار اَکيائيِ ڪڏھن ۽ ختم ٽيڙ جو نالو ئي نه وڃندي!..."

پَڪ سان ٿو چَوانءِ...

"ڏي خبر، چاڻي چوي اڄ جي اخبار..." تازو اڪين جي آپريشن ڪرائي آيل پيءُ پٽ کان پڇيو.

"سياست جي بازار گرم آ ۽ نيب جي وٽ پڪڙ وارين خبرن کانسواءِ ٻيون خبرون بہ جام آهن. پر انهن مان هڪ سنگل ڪالم جي خط نما خبر ڏاڍي عجيب آ..." پٽ وراٽيو.

"ڇا جي باري ۾ آ؟..."

"وٽن جي پوکائيءَ جي باري ۾..."

"اڇا!، وزيراعظم جيڪو اعلان ڪيو هو وٽن جي پوکائيءَ جي مهم جو، اها شروع ڪئي ٿَن ڇا؟..."

"نہ، ان اعلان کي تہ اڃا عملي جامي جو شرف حاصل ٿي ناهي سگهيو. هي عدليہ طرفان ٿيو آ..."

"عدليہ طرفان!؟، ڪيئن ڀلا..."

"هڪ شهر جي سيشن جج صاحب ماحول کي سر سبز بڻائڻ لاءِ سڄي ضلعي ۾ وڻ پوکڻ جي مهم هڪ تحريڪ جي روپ ۾ شروع ڪئي آ..."

"واه واه. ٿورو تفصيل ۾ ٻڌاءِ..."

"سڄي شهر ۾ سمورن تعليمي ادارن سميت جتي ڪٿي عدليہ جي نگرانيءَ ۾ وڻ پوکايا اٿائين. انڪري شهر جو هر پاسو سر سبز وٽن سان خوبصورت نظارو پيش ڪري ٿو. نہ رڳو ايترو، پر شهر کان ٻاهرين روڊن رستن تي پڻ وڻ پوکرايا اٿائين. جنهن ڪري اڳ جي پيٽ ۾ انهن هنڌن تي سرن جي بڻن جي دونهين سبب جيڪا ماحول ۾ انتها درجي جي گدلاڻ هئي، ان جو مڪمل طور تي خاتمو ٿي ويو آهي..."

"دل خوش ڪري ڇڏيئي بابا، ڏاڍي سٺي خبر ٻڌايئي..."

"ها، پر اهو به ٻڌائيندو هلانءِ ته، هن سيشن جج وانگر سڄي صوبي جي ٻين سيشن جج صاحبان کي به سنڌ هاءِ ڪورٽ ئي اها هدايت ڪئي هئي، ته جتي ڪٽي وڙ پوکرائن. سورهڳوان شهر ۾ ئي نه، پر هن مهم جو آغاز عدليه جي نگرانيءَ ۾ ٻين شهرن ۾ به ٿيو آ ۽ ٿي رهيو آ. جنهن جو مقصد اهوئي آهي، ته ڪچي، پڪي، ٽر، ڪاڇي ۽ ڏيلتا سميت پوري سنڌ کي مِلائي ڏسجي ته، هر هنڌ ساوڪ ئي ساوڪ جو راج نظر اچي. جنهن سبب ٻارهوئي مينهن پيا وسن ۽ ڪٽي به سوکڙي جي دانهن ۽ ان جو شڪار ٿيل ڪو خطو رهي ئي نه..."

"لک جي ڀالهه ڪيئي پٽ، پران سان گڏ نه هي جيڪو اعليٰ عدالت سنڌ جي ٻيلن تان بااثرن جي وڏي پيماني تي ڪيل قبضن جي خاتمي جو حڪم ڏنو آ، ان کي به هيئن جيڪر سيشن جج صاحبان جي ئي اختيار ۾ آڻن ته اهي پاڻ وڃي مانيٽر ڪن، ته سچ پچ ڪٽي به بااثرن کي ايڏي ديده دليريءَ سان وڙ وڍرائي ٻيلن تي قبضن ڪرڻ جي جرئت ئي نه ٿيندي ۽ نه ئي ڪورٽ پاران تيزيءَ سان قبضن ڇڏائڻ واري حڪم باوجود ان تي عمل اتي ۾ لوڙ برابر ٿيندي نظر ايندو. ويتر وزير اعظم جو ٻيلن ۾ به وڻن پوکڻ وارو اعلان، ملڪ ۾ وڻڪاريءَ واري اعلان جيان، اعلان نه رهجي ويندو. پَڪَ سان ٿو چَوانءِ..."

ڪاپي...!

ڪاليج ۾ ياريهين ۽ ٻاريهين جي امتحانن ۾ پرنسپال ۽ استادن پاڻ ۾ پَهُ ڪيو تہ ڪاپي روڪڻ لاءِ هو ڏهن ئي آڱرين جو زور لڳائيندا.

سو ان عهد تحت جيئن امتحان جي شروعات ٿي تہ ٻاهرين گيٽ تان تلاشي وٺائي سيني شاگردن کان موبائل فون واپس ڪرائڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ جو وقت مقرر ڪيو ويو ۽ ٽائيم کان ٽيڪ اڌ ڪلاڪ کانپوءِ پيپر جي شروعات ٿي.

تقريبن مُنو ڪلاڪ گذريو تہ آفيس ۾ پرنسپال کي (جيڪو انٽرنل بہ آهي) اچي پٽيوالي ٻڌايو. "سائين، الائي ڪهڙو آفيسر آيو آ..."

"هان، ڪٿي آ؟..."

"هڪ بلاڪ ۾ ويو آ..."

"اڇا اڇا..." پرنسپال ائين چئي ڪرسي ڇڏي اٿيو. "ٻڌ..."

پٽيوالو بيهي رهيو.

"تون هيئن ڪر، جو تڪڙو ڪامن روم ۾ وڃ ۽ اتي ڪير بہ هجي، ان کي چَئُ تہ مسٽرول ۾ نہ آيل ٻاهرين مان ڪِن جو صحيحون ڪري ۽ ڪِن جي سي ايل لڳائي. متان ان جي بہ نہ چيڪنگ ٿئي..."

"جي سائين..." چئي پٽيوالو ڪامن روم ڏانهن روانو ٿيو.

پٽيوالي جي وڃڻ سان پرنسپال بہ آفيس ڇڏي ٻاهر نڪتو تہ پريان تيز وڪون ڪٽي فيڪٽوڊم اچي ٻڌايس، "سائين، هڪ بلاڪ مان نڪري هاڻي ٻئي ۾ ويو آ..."

"ها، ٽيڪ آ. پر آفيسر آهي ڪهڙو؟..."

"مختيارڪار آ سائين..."

پرنسپال هلندو ان بلاڪ ۾ پهتو تہ ڏنائين مختيارڪار آخري لائين واري ڊيسڪ وٽ هٿ رکي جهُڪندي اورئين پاسي واري شاگرد کي ڪجھ چئي رهيو هو.

ان کان اڳ جو پرنسپال مختيارڪار سان پنهنجو تعارف ڪرائي انويجيليٽر ويجهو اچي بنهين آهستي چيس، "پٽ کي ڪاپي ڪرائڻ آيو آ...!!"

سڪٽي هنيانوَ تي...!

آفيس لاءِ نهي سنيري گهران نڪري، گهٽيءَ جو موڙ مُڙي موٽر سائيڪل کي وڌي روڊ تي چاڙهيو. ته گذريل تقريبن مهيني سوا کان معمول موجب ڏڪين، ٻڪرين ۽ رڍن جي نندڙي ڌڻ کي اڳ ۾ ڪري سدائين ڦڪو وڳو پهريل ان نوجوان پورڙي رنگ جي چوڪريءَ کي نہ ڏٺم. جيڪا لڪڻ هٿ ۾ ڪيو ڪڏهن ڏڪندي، ته ڪڏهن تيز هلندي مال کي "هَلَ...هَلَ..." ڪندي نظر ايندي آ. هن سان هڪ ڏهن يارهن سالن جو نيري رنگ جا ڪپڙا پهريل چوڪرو به گڏ هوندو آ...

روڊ جي آخري چيڑي تي جيڪا غير آباد ٻني آهي، شام ڌاران آفيس مان موٽندو آهيان ته ان ۾ ساڳي چوڪري، نندڙو چوڪرو ۽ انهن سان گڏ ڪوڙيل تنبوءَ اڳيان ٻن مان هڪ ڪٽ تي هڪ ڪرڙوڊ، سنهڙو، پوتڙي قميص ۾ ملبوس، ڏگهي قد جو، مٿي تي سنڊي ٽوپ پهريل شخص ويٺل ڏسندو آهيان. پريان هڪ ٻڌل گڏهه ۽ گاڏو به پسبا آهن، جنهن تي شايد گاهه پٽويا ڪاڻي ڪلي به ڪري ڪٽي ايندا هوندا، ته هِتان کان هُتي لڏو ڪڻڻ ۾ به مددگار ٿيندو هوندن...

سڄي روڊ جي تقريبن ٻن ايڪائي ڪلوميٽرن جي پٽي ۾ چوڪري، مال ۽ نندڙي چوڪري کي نہ ڏسي دل ۾ آيو ته شايد لڏو ڪٽي هليا ويا هوندا. پر پري کان لڏو اتيئي نظر آيو. ويجهو ٿيس ته، اوچتو ڌنم ته تنبوءَ اندران ان چوڪريءَ کي اهو ڪرڙوڊ شخص وارن کان ونڊي گهليندو ٻاهر آيو. مون موٽر سائيڪل جي رفتار گهٽائي.

وارن مان هٿ ڪيڙي زوردار لت هنيائينس. چوڪري ڪري پئي. ڪريل کي اتيئي گوڏا ڀيڻ ۽ هٿيارَڻ مُڪن سان شروع ٿي ويو...

مان موٽر سائيڪل بيهاري ڊوڙندو وٽن پهتس. "هٿ کي روڪ

پائو روک..."

"تون ڪير آن ڏي، هَلُ هِتان..." ڪرڙوڊ مونڊانهن ڏسي شڪل ڪي بد شڪلو ڪيو.

"هٽ ڪيڊ چوڪريءَ مان، نہ تہ ٽنگائيندوسانءِ..." منهنجو آواز بہ لائوڊ ٿي ويو.

اکيون ڏسي هٽ روڪيائين. لهجي ڪي ايترو ئي جلديءَ ۾ ڏرو ڪندي چيائين، "سائين، هي اسانجو گهرو معاملو آ..."

"نياڻيءَ ڪي ماريندي شرم نٿو ٿيئي..."

"منهنجي ڏيءُ آ سائين..."

"ڏيءُ آ تہ مارينس، چو؟!..."

"مال نہ ٿي ڪاهي وڃي. سڄ هيڏوسارو چڙهي آيو آ..."

چوڪريءَ ڏانهن ڪنڊ ڦيرائي چيم، "چو بابا، تون مال چونہ ٿي ڪاهي وڃين؟..."

"ڪاڪا، منهنجي امڙ مري وئي آ. مري نہ، هن ڪاري ڪري ماري هئي. جنهنجو جرڳو ڪرائي هي سڄي جو سڄو مال ان مان ئي ورتو ٿئين." زمين تان اٿي ڳوڙها اگهندي ءِ سهڪندي سهڪندي چوڪريءَ چيو، "جيڪو مان ءِ ننڍو پاڻ، جاتي لڏو لاهيندو آ، هِتي هُتي چاريندا آهيون. پاڻ سڄو ڏينهن سمهيو پيو هوندو آ. رڳو رات جو ڪير ڪپائڻ ويندو آ. ڪالهہ رات بہ ڪير ڪپائڻ ويو تہ پاڻ تہ الائي ڪاڏان ماني ڪائي آيو. مون ءِ پاڻ لاءِ پاڻ اٿي جوبہ نہ آندائين، تہ رُکو ئي ڪائي سمهي پئون ها. هاڻي بہ سکڻي هنيانو تي چيائين، تہ مالُ ڪاهي وڃو. جنهنتي مان پاڻ لاءِ نہ، پاڻ لاءِ ڇيي ٽُکر جي منٽ ڪئي مانس، تہ آپي مان نڪري ويو ءِ امان وانگر ڪاري ڪري ڪهڻ جو ڇئي، هيئن لٽن ءِ مُڪن ۾ شروع ٿي ويو آ...!!"

تيسين قرب ڪريو...

"هيڏي، هي ٻئي ٻار اُڏري ويا ٿئي، منهنجو چَوڻُ صفا ڪونہ ٿا وٺن..."

"چو، ماءُ جو چَوڻُ چونہ ٿا وٺو؟..." پيءُ ستن سالن جي سارنگ ۽ پنجن سالن جي مارئيءَ ڏانهن ڏسندي ۽ لهجي کي ٿورو ڪَڙَڪُ ڪندي پڇيو.

ٻنهي ٻاءُ ييءُ کي جواب نہ سُجهيو. هيسيل نظرن سان پيءُ ڏانهن ڏسڻ لڳا.

"جهليان ٿي تہ امجوءَ، پريت ۽ شبانہ جي گهر نہ وڃو، انهن سان راند نہ ڪيڏو، پر مُڙن ئي نٿا..." ٻنهي کي خاموش ڏسي وري بہ ماءُ ڳالهايو.

"چو، چو ٿي جهليون؟..."

"اڙي، خبر بہ ٿئي تہ..."

"تہ انهن کي ايڊز آهي، جيڪا بہ ڏينهن اڳ ۾ ظاهر ٿي آ..."

"ها ها..."

"واهہ جو نَهي آن. اها بيماري ڪا وچڙندڙ آهي چا..."

"الائي؟..."

"خبر بہ نہ ٿئي، تہ اجايو ٻارن جي ننڍڙين دلين ۾ چو ٿي خوف کي پرين؟..."

"وچڙندڙ ناهي، تہ موتمار تہ آهي نہ اها بيماري. جنهن مان ڪوئي ڪيڏا بہ حيلا وسيلا ڪري ٿو، پر چڙهي نہ ٿو..."

"ها، ائين آهي..."

"تہ پوءِ چو وڃن اسانجا ٻار انهن ڏانهن، متان..."

"متان ٻَتان ڪجهہ نہ. اهو تنهنجو وهم آ. جنهن جو علاج لقمان

حڪيم وٽ ب نہ هو..."

"وهم تہ وهم ئي سهي. مان پنهنجا ٻارَ نہ ڇڏينديس انهن جي گهر..."

"اهو غير انساني رَوَئيو آ پاڳيري، پنهنجي هنيانَو تي هٿ رکي سوچ، جي ان بيماريءَ ۾ اسانجا ٻارَ مبتلا ٿيَن ها تہ..."

"اڙي، خير گهُرُ..."

"مان خير گهُريو آ. تون ب گهُرُ. نہ رڳو پنهنجو، پر جَڳَ جَهان جو..."

"بابا، اسان ويڃون نہ پريت جي گهر؟..." مارئيءَ پاڻ کي يَوَ مان ڪيندي پڇيو.

"ها ها پلي ويجو، ضرور ويجو ۽ تيستائين ويندا رهو..." پيءُ جون اکيون امالڪ ۾ رجي آيون. لفظن ساٿ ڇڏي ڏنس.

پوءِ سامت ۾ ايندي ۽ سڏڪي سان جملي کي مڪمل ڪندي چيائين، "جيستائين هُو هِنَ جَهانَ ۾ آهن...!!"

کائي چڑھ ڪندس...

"جي ايڏي گھرج هيئي تہ ٻڌائين ها تہ امان يا بابي کان وٺي ڏيانءِ ها. هاڻي..."

"گھٽي بَڪَ نہ ڪَرِ، نہ تہ شادي اِتي بہ ٽوڙي سگھانءِ ٿو..."

"اڙي، اهو چا ٿو ڪرين!؟..."

"تہ، منهنجي ڳالھ ڏيانَ سان ٻُڌ. رَئي سان اڌ مُنهن ڏيکي هَڻُ سِڌو ڪَرِ ۾ چوندي وڃ، الله جي نالي. الله جي نالي. پر کپي جنگھ کي لمڪائي هَلُ. جيئن پوليو ستيل لڳين. شاباس، ٿيءُ اڳ ۾..."

ستاوڙي تان موٽيل ڪنوار جنگھ کي لمڪائيندي آفيسن جي هڪ وڏي ماڙي اندر وڃڻ لڳي تہ گھوٽ روڍ جي پر واري ٻاري ۾ وڃھي سگريٽ دکايو...

.....

منو ڪلاڪ گذرڻ کانپوءِ ڪنوار واپس آئي تہ گھوٽ اٽي کڙو ٿيوءِ آهستي هستي هلندو وڃي هن سان گڏيو.

"گھٽا مليئي؟..."

"الائي، مون ڳڻيا ناهن..."

ڪنوار سيني واري چوليءَ مان ڏھن ويھن جا ڪيترائي نوٽ ڪڍي گھوٽ جي هٿن ۾ ڏنا.

"هَل، هي تہ تون پاڙي کان ٻيٽا ٽيٽا ڪري ڪٽي آئي آن..." ائين چوندي گھوٽ ڪنوار جي اکين ڏانھن نہ ڏٺو، جن ۾ پاڻي پرجي آيو هو. روڍ جي ٻئي پاسي نھاري ڪلندي چيائين، "بابو بہ تو اسان واري ڏاڏڻڪي ڳوٺ مان واپس ٽيندو هو تہ انهن آفيسن ءِ ٻين مان امان کي شام تائين ٻِنائي، نہ رڳو پاڙو، پر ايترا ڏوڪڙ ڪنيون هلندو هو، جو بہ چار ڏينهن ڪُني انهن مان ئي چڑھندي هئي. امان اهي پئسا ٻڌايانءِ

تہ، انڪري بہ گھٽا حاصل ڪندي هئي، جو منهنجي ابهر مٿي تي هٿ رکي، بابي جي سمجهايل ٻوليءَ ۾ چوندي هئي، يتيم آ. الله جي نالي، هن جي صدقي ڏيو..."

اتي ئي پنهنجي ڳالهه ڪٽي ڏند ٽيڙي ڪنوار ڏانهن ڏسندي چيائين، "تون بہ جڏهن ٻار ڄڻيندينءَ نہ، تہ هيئن پنڌ واري سَٽَ ۾ تون بہ ان جي صدقي ايترا ڏوڪڙ ڪنيون هلندينءَ، جو مان بہ مزوريءَ سواءِ بہ چار ڏينهن گهر ۾ ويهي، ڪائي ڇڙهُ ڪندس...!"

ڪنهن جي به نظر نه لڳندي...

اسپتال کان موٽي وساڻل لڳن سان هوءَ گهر جي چائنٽ ٽپي اندر ٽي ته برقعو مٽي ڪري ڏنل نظرن سان مڙس ڏانهن ڏسندي ليلائڻ واري لهجي ۾ چيائين، "پلي تون مونکي ساکَ ڏي. مان ڪلهه به تنهنجي هيس، اڄ به تنهنجي آهيان. جي توکانسواءِ غلطيءَ ۾ به ڪنهن ڏانهن نظر وئي هوندي، ته خدا نه بخشيندو ۽ نه ئي مونکي قبر جاءِ ڏيندي..."

"تون ائين نه سوچ..." مڙس ڏيمي لهجي ۾ وراڻيو ۽ هڪ ڏڪهو ساهه ڪٽي پاڻ سان گڏ آيل ڏيءُ ۽ پٽ ڏانهن ڏنائين.

"شڪر جو اهو موذي مرض مان سڙيءَ ۾ ئي ظاهر ٿيو ۽ ٻچا ۽ تون ان کان آجا آهيو..."

"اتان ته آجا ٿياسي پر..." مڙس ڪنڌ ٻئي پاسي ڪري جملي کي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

"زماني جي طعنن کان آجو ٿي نه سگهندين، ائين نه!؟..." هن پنهنجي سمجهه سان مڙس جي اڌوري جملي کي مڪمل ڪيو.

مڙس کي به جواب نه ڏنو ۽ عجب ۽ وائڙائپ سان هن جي اکين ۾ گهور وڏائين.

"مونکي پنهنجو ساهُ پيارو ڪونهئي. منهنجي لاءِ ايڇ آءِ وي جو ظاهر ٿيل هي ٽِڪو موت کان سئو ڀيرا وڌيڪ آ. جنهن لاءِ ٽي چوان ته هي مونکي ڪِڪيءَ جي سيزر ۾ لڳو. الائي مهينو سوا اول بخار ۾ ڊاڪٽر جيڪي سُيون هنيون هيون انهن مان. باقي..."

"باقي، الائي ڇا منئون ڇا چوندي ٽي وڃين..." مڙس ڇڙڪ ۾ هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو، "مان ڪو اهو جاهل مڙس آهيان ڇا، جنهن زال کي ايڇ آءِ وي ظاهر ٿيڻ تي هن جي ڪردار تي شڪ ڪري هن کي گهٽا ڏئي ماريو ۽ لاش وڻ ۾ ٽنگي ويچاريءَ جي آپگهات جو ڊرامو

ڪيائين..."

هن کان اوچنگار نڪري وئي. جنهن کي ڏسي ٻئي معصوم ٻارڙا حيران پريشان ٿي ويا.

"ٻيو ته هي وائرس تيستائين موتمار نه ٿيندو جيستائين اهو ڏهن پندهن سالن جي عرصي ۾ علاج نه ٿيڻ ڪري ايڊز ۾ نٿو بدلجي..."

مڙس ٻه قدم اڳتي وڌي ۽ ٻنهي ٻارن کي اڳيان ڪري اچي هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو. اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيس. ڏڪندڙ چپن سان چيائين، "مان تنهنجو علاج ڪرائيندس. تون سلامت رهندين ۽ يقين رک ۽ اسانجي جوڙيءَ ۽ گهر کي ڪنهن جي به نظر نه لڳندي..."

اکيلڙو ڏيئو...!

نجيب گھر ۾ داخل ٿيو. هٽ ۾ شاپر هيس.

"اچي..." تازو ئي پسند جو پرٽوڪيل زال شهلا جي هٿن ۾ ڏنائين.

"ڇاهي؟..."

"کولي ڏس..."

شهلا کوليو. ڪپڙن جو وڳو هو.

"مون لاءِ آندو ٿئي؟..."

"ها سائين، شاديءَ جي پهرين عيد آ، ان جو تحفو..."

"واهه..." چئي شهلا وڳو جو سامهون ڪيو تہ ان مان جڙيل ڪجهہ موتي ڇٽڪي اچي پَٽَ تي پيا.

"اڙي، هي تہ موتي ڇٽنس تا!..."

"اهي ٻہ ٿي هوندا. ڏس تہ ڪيڏو سنو آ..."

"پائڻ کان اول موتي تا ڇٽنس، سنو آ!؟، مان کو نہ پائيندیس..."

"هي تحفو آ تولاءِ!..."

"تحفو هجي ڪو ڊنگ وارو تہ سيني لايانس، هي چَٽِ ڪتن جي..."

بس اتان کان تِکا پيا. نجيب جو پيءُ ماءُ وچ ۾ آيا، پر ٻنهي انهن جي نہ ٻڌي...

نيٺ گھٽي جھڳ جھڳان کانپوءِ نجيب گھر مان نڪري ويو ۽ شهلا ٻہ اندرئين ڪمري ۾ هلي وئي...

ڪجهہ منٽ گذريا تہ نجيب واپس آيو. "ڪاٿي آ؟..."

"اندر وينی آ..." پيءُ ماءُ اٿي ڪڙا ٿيا.

"تون ئي ٹڈو ٹيءُ ابا..." ماءُ چيس.

"گھٹو ٹيو. جنھن لاءِ الھ تلھ کپائي ھن جي مائٽن کي چَٽي ڏئي آجو ٹيس، ان وٽ منھنجو اھو قدر آ!؟..."

شھلا ٻاھر آئي. "اھو ۽، ٻيو ونو آ ٿ..."

"نہ، منھنجي تحفي کي چَٽِ کونو مانُ ڏنئي نہ، ھاٽي مان ٻ..."

ايترو چئي نجيب تکڙو ڪمري اندر ويو ۽ در بند ڪري ڇڏيائين...

گھر ۾ رڙيون ٽي ويون. شھلا دريءَ جي چيرَ مان ڏٺو تہ نجيب لَٻَ تکين جي قَڪُ ھٽي رڙڪ لڳو...

پاڙيوارا پھتا. در ٻجي نجيب کي بيھوشيءَ جي حالت ۾ پيءُ جي اڳواٽيءَ ۾ اسپتال کڻائي ڳيا.

پٽيان بيحال ٽيل شھلا ۽ ماءُ اسپتال پھتيون تہ پيءُ اشڪبار اکين سان نجيب جي بيجان جسم ڏانھن ھٿ کٽي شھلا کي چيو "امان، جي تحفو قبول ڪرينس ھا، تہ اسانجو اڪيلڙو گھر جو ڏيئو ھيئن گل نہ ٿئي ھا!..."

رَسو...

نکمٹو. سجو ڏينهن رلندو وتندو. ڪڏهن تاس وارن مٿان بينل، ته ڪڏهن هوٽل تي پيو وقت جوزيانُ ڪندو...

پٽس رازکو ڪم ڪندڙ. اڪثر چوندس، "نه پڙهئين، ته مزوريءَ تي ته هَلُ نه. جيئن رازکو ڪم سيکاريانءِ، ته اڳتي حياتي سُکي گذرئي. ڪيستائين ويهه رپيا خرچيءَ تي هلندين.."

ان مهل "ها" ڪندو. وچن ڏينندو. پر برهه ڦٽيءَ کان اول نڪري ويندو...

ان تي پيءُ ڪڏهن آپي کان نڪري مارڻ لاءِ الر ڪندس، ته سدائين ماءُ وچ ۾ اچي ويندي، "اڙي، جواڻ جماڻ پٽ کي مارينديين، ماڻهو کو چگو چوندئي چا. چئن پينرن جو پاءُ آ. الله ڪندو، سيکجهه ڪندو. تنهنجي دل ٺارينديو..."

ماءُ جي لاڳِ ويتر مَنُ اگهلائيندي ويس...

هڪ ڏينهن هوٽل تي بن چورن جي ڊاڙ ڏُڃي واري گفتگو ڪن ڏئي ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌائين.

اهي چانهه پي موڪلائي هليا ته هڪ جو پيچو ڪري وڃي اڳ ورتائينس، "مونکي به چوري ڪرڻ سيکارينديئو؟..."

"نه بابا،" چور وراڻيس، "اول چوري پنهنجي مُنهن سان ڪري آ. ڏسئون ته ڪيترو پاڻي ٿئي. پوءِ حاضر، بُندبيل چور بڻائيندا سون ئي..."

ٻئي ڏينهن شام جو ماءُ کي وڏي پيٽ سان ملڻ جو چئي ان جي ڳوٺ هليو ويو...

رات رهي نيرن مهل ڏٺائين ته پيٽ جي گهر جو مال، تي مينهون، هڪ وهڙوءِ وڇيرِ ڇُڙِي جهنگ ويا ته ان ئي مهل هن پيٽ جي ڪنهن

ڪم دوران ان کان اڪ بچائي ويڄي وهڙي جي ڪِلي وارو رَسو کوليو ۽ گهر مان نڪري ويو...

ڏنار اڳيان هو. پنيان اٽڪل ڪري وڻن جي جهُڳٽي واري رستي جي وڪڙ ۾ وهڙي جي ڳچيءَ ۾ رَسو وجهي، ان کي ڪاهي پوئتي هليو...

گهر کان اڳتي وهڙي اوچتو ٽاهُ ڪاڏو ۽ هن کان پاڻ ڇڏائي گهر ڏانهن ڊوڙندو ويو...

ناڪام ٿي ڳوٺ موٽيو...

منجهند جو گهر ۾ماني پئي کاڏائين تہ ٻيڙ پهتي. رَسو اڳيان اڇلائي ٻئي ٻُجا گهروڙي ڏيندي چيائينس، "چوريءَ لاءِ گهر بہ ٻيڙ جو لڏو هوئي...!

سنئين واتَ...

اجهاڻل نظرن سان رحيم بخش پيٽوي راحت عليءَ جي اکين ۾ ڏسندي چيو "پائو، مان هڪ خاص ڪم سان آيو آهيان..."

"ته پوءِ چئَ نه..."

"هڪ ته چَوڻ لاءِ لفظ نٿا ملن، ٻيو گهبراهٽ ۾ ڏاڍي ٿي ٿئي..."

"چوادا، چالڪ ٿو گهبرائين. پنهنجا پاڻ ۾ ته آهيون. چئَ، جيڪو به چَوڻو ٿئي..."

"ڪن ڳالهين لاءِ واقعي به چَوڻَ لاءِ دل ڪپي..."

"اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي؟..."

"ڏکي ڳالهه آ، پر چَوڻي به آهي. مجبوري آ. چَوڻَ ڪانسواءِ چارو ڪونهي..."

"ها، ٻڌاءِ..."

"اهو مون وارو نياڳو چورو، عزت ۽ غيرت جو ليڪو لنگهي ٻيٽو آ..."

"چا ڪيو ٿئين؟..."

"چَوي ٿو پُڇاتِ سان شادي نه ڪندس..."

"اوهه..."

"آهي به صدمي جهڙي ڳالهه پائو، ننڍپڻ ۾ توکان مارئيءَ جو سڱ ورتو به مون ئي هو..."

"منهنجا ته شَهَ ڇڏي وڃڻ ئي يار، ايڏا گذريل هفتي ته ڏاڄ ونيءَ مڪمل ڪيو هوسي. جيڪو پسند به مارئيءَ پاڻ ڪيو هو..." راحت عليءَ جون اکيون ڀرجي آيون...

رحيم بخش کي جواب ڏئي، راحت عليءَ جي زخم تي مرهم لڳائڻ جي ڪوشش ڪري، ان کان اول ٻيڙ چانهه ۽ بسڪيٽ اچي،

نندڙي پلاسٽڪ جي ٽيبل سوري ٻنهي جي وچ تي رکيا...

"هي ٻُڌئي مارئيءَ جي ماءُ؟!..."

"چا؟..."

"نسيم مارئيءَ سان شادي ڪرڻ نٿو چاهي. جواب ڏنو ٿئين..."

هوءَ راحت عليءَ جي پرسان رکيل ڪرسيءَ تي ويٺي. هڪ ٽڏو ساهُ پريائين ۽ پوءِ رحيم بخش ڏانهن ڏسندي چيائين، "توکي لَکَ شابسون آهن پاءُ، مان تنهنجي ٿورائتي آهيان، جو ڏياءُ وجهي زوريءَ شادي ڪرائڻ جو غلط رستو نه ورتئي، نه تہ اسانجي پاءُ گلن ۾ پليل چوکري الائي ڪهڙا ڏکَ ڏسي ها..."

انڈو عشق...

"اهو موبائل جو آواز بند ڪر پٽ، ننڊ ٿو ڦٽائي..."

"ها، بند ڪيان ٿو پيا، ٿوري دير ۾..."

"دير ۾ نه، هاڻي بند ڪر. سڄي ڏينهن جو ٽڪ آ. صبح سان آفيس ۾ وڃڻو آ. پوري ننڊ نه ڪبي ته ڊير فائيلن سان مُنهن ڏيندي بخار اچي ويندو..."

"بس جلديءَ ۾ گيم پوري ٿيڻ واري آ. ڪيان ٿو بند..."

"اڙي، مُڙين نڻو. سڄو وقت اها موبائل هٿ ۾ ٿئي، جنهن پڙهڻ ۾ چَٽُ ڪيو ٿئي ته پيو ڪم ڪار ۾..."

"ايڏو توائي چوٽا ٿيو..."

"تون ۾ ائين ٿي چوين. مان غلط ٿو چوان، ٻڌاءِ. ڪيريئر ۾ اڳتي اها ڪم ايندس؟!..."

"بابا، پيءُ جو چَوڻ وٺ، شاباس. بند ڪر موبائل جو آواز..."

"امي، ٿورڙو بيهُ..."

"هي ائين بند نه ڪندو..." پيءُ بستري تان اٿيو ۽ اڏ بتيءَ ۾ چارجر ذريعي هلندڙ ايوو ڪيڊي واءِ فاءِ بند ڪري ڇڏيائين...

ٻارهن سالن جو زاهد گيم بند ٿيڻ تي پيءُ ماءُ کان اندر ۾ شديد ڏکاوي ۽ ناراض ٿي ويو. سڄي رات تڙپندي ننڊ نه آيس...

صبح جو ماءُ ناشتي لاءِ راتوڪا نه ڏوتل ٽانوَ ڏوئڻ جو ارادو ڪري پاڻيءَ جي ٽانڪي هلائي، ته ان مان سفيد پاڻي اچڻ بجاءِ پيلاڻ مائل پاڻي اچڻ لڳو...

"اڙي، هي ڇا..." ماءُ حيرت ۾ گلاس اندر ٿورو پاڻي پريو ۽ زاهد جي پيءُ کي ڏيکارڻ لاءِ ۾ ٿي قدم کنيا ته اچانڪ زبير ڪمري مان ٻاهر نڪتو.

"زاهد، هيڏي آ..." ماءُ سڏيس.

زاهد ويجهو آيو تہ هوريان پڇيائينس، "صبح بستري تان ڏٺو هومانءِ، تہ اخبار ۾ ڪجھ ويڙهي مٿي ڪنيو پيو ويجين، اهو ڇا هو؟..."

ماءُ جي سوال زاهد جي چهري جو رنگ اڏائي ڇڏيو. هيسيل ڪيفيت ۾ وساٽل لفظن سان وراڙيائين، "پيا مونکي واءِ فاءِ هلائڻ نہ ڏني ۽ تو بہ ان جو پاسو ڪنيو. انڪري مون توهان ٻنهي کي مارڻ لاءِ پاڻيءَ واري وڏي ٽانڪيءَ ۾ اڏوهيءَ وارو زهر وڃي وڌو هو...!"

ڪيرُ پُڇندُنِ...

"وقت جي جَڙ پڪڙيل ڪڏي رواج توکي بہ اڄ مرغو بٹائي ڇڏيو آ سائين، انڪري سوچي ڇڏ، تہ جنهن جي پڪڙ ۾ ايندين، لَتَ رکي ڪُهندئي..."

"چوين جائي ٿو. رٽائرمينٽ واقعي ائين ئي آ. گهر ۾ پُٽن الڳ مرغو بٹائڻ شروع ڪيو آ تہ زال ۽ پائرن الڳ. هر ڪنهن فرمائشن جي لسٽ واري ڪاتي تِکي ڪري رکي آ.

رڳو ڈوڪڙ ملن ۽ ڈوڪڙن ڈيڻ وارا يعني آفيسن ۾ وينل ساوا ڳاڙها تارا رکندڙ تہ اڏي آڏو ڪيون ڪات هٿن ۾ پڪڙيون ائين وينا آهن، جو ڳالهہ ئي نہ پچ..."

"سمجهان ٿو پائو. سڀ سمجهان ٿو. تيستائين تو وارو ڪاغذ جو ٽڪرو ڪونہ چُرندو هوندو. جيستائين انهن ٽيبلن تي وينلن کي سندن مرضيءَ ۽ منشا جي رشوت نہ ڈيندو هوندين..."

"بلڪل ائين، ڈاڍو ڏکيو مرحلو آ يارَ، پروفيسريءَ جي سڄي ڄمارَ ۾ مون تہ ڪجهہ ڏنو ئي ڪونہ هو. هي تجربا ايڏا خراب ٿيا آهن، جو چئي ڪٽي بس ڪر. ڏسڻا وائسڻا ماڻهو، جن سان بہ ٿهڪ ۽ قرب جي چَسَ هئي، ڪم پوندي اکيون پٽر جون ڪري ٻيهي رهيا آهن. مان، جنهن جي نوڪريءَ ۾ ڪو رشوت جو تصور ئي نہ، ٻئي مُنيون پري انهن کي ڈيان ٿو. ڈيٹو آ. چا ڪجي..."

"ها، نہ ڈيندين يا ڪا سفارش ڪرائڻ جي غلطي ڪندين تہ هي ڪاغذ ڪُتل آ، هو ڪُتل آ. قانون جو جِنُ بوتل مان نڪري ايندو. اهو بہ ائين جو نڪرڻ سان ڪنيڑون پڪڑي، پيرَ ڪڍي ڦيرائي ڦيرائي سڌو سنئون چوٽيءَ ۾ ائين هڻندئي، جيئن وري اٽين ئي نہ.

انڪري وَهُ بابا وَهُ ۽ وساري ڇڏ تہ ڪورٽن آن لائن پينشنون

ڏيڻ جا ڪي حڪم بہ صادر ڪيا آهن. ڏس، آن لائن تائين پهچڻ لاءِ وري بہ انهن سان ئي وَهي جانِ چڏائڻي آهي نہ، نہ تہ بڏاءِ پلا، ڪير پُڇندن تہ فلاڻي پروفيسر ڪي پينشن چو نہ ڏِنَو...؟!"

پهرين فرصت ۾...

"مونکي ڇو گهرايو آڻو سائين، ڪو ڏوهه ڪُناهه؟..."

"ڊي ايس پي صاحب گهرايو ٿئي. اچي ٿو. ترس. اهو ئي ٻڌائيندئي..."

"پوءِ به ڪجهه ته ٻڌايو. صبح جو نائين کان ٻينو آهيان، مٿان ٻارهن ٽا ٽِيَن. مالڪ کي مڃيو. ٿوري ٿڪي خبر ته اوهان کي به هوندي نه سائين..."

"قَسَمَ نه ڏي ڙي..."

"معافي سائين، قبليُ پر..."

"چيم ته صاحب کي خبر آ. تون چُپڙي ڪري ٻيهه. اچي ته سپني ڪر توتن جو ڇنو ڏيندئي. پئجي ويندئي خبر..."

ايس ايڇ او اهو چئي ۽ محرم عليءَ کي خوف جي وڏي کاهيءَ ۾ اڇلي پنهنجي آفيس مان نڪري ويو....

اي ايس آءِ اندر آيو. ته هورا ڪورا جي طوفان ۾ آيل محرم عليءَ ان کان هوريان ۽ ڏاڍو ويچارو ٿي پڇيو، "سائين، مهرباني ڪري اهو ٻڌايو ته مان ڪهڙي جرم ۾ هِتي گهرايو ويو آهيان؟..."

"ڪو خون جو معاملو آ. شايد ڪنهن ماٺهوءَ کي ماريو ٿئي..."

محرم عليءَ جو هانءُ وڃي پيرن ۾ پيو. وڌيڪ ڪجهه پڇڻ جي همٿ نه ٿيس...

نيڪ ان گهڙيءَ ڊي ايس پي ايس ايڇ او جي آفيس مان گڏري اندر پنهنجي آفيس ۾ وڃڻ لڳو. ته محرم عليءَ کي بينل ڏسي پڇيائين، "تون ڪير بابا؟..."


"سائين، مان محرم علي..."

"اڙي ها، مان رات صوبيدار هٿان توکي نياپو ڪرايو هو نه ته

نائين وڃي منهنجي آفيس ۾ اچ..."

"ها سائين..."

"هو جيئڻ پور جو تنهنجو دوست حاجي محمد صالح آهي نه، رات ان سان ملاقات ٿي ته تولاءِ چيائين ته موبائل نٿو رکي. مان پنجن سالن کانپوءِ حج تان آيو آهيان. ملڻ جي سِڪَ آ. پر نياپي جي پَهَر نه ٿي سُجهي. انڪري مون تي بار رکيائين ته حَدَ ۾ نياپو ڪري گهرائي ٻڌائيس ته پهرين فرصت ۾ اچي مُنهن ڏيکاري وڃي..."



زندگي ۾ زندگي جا سپ ننڍا توڙي وڏا حصا پنهنجي پاڻ ۾ ڪئي قصا آهن. قصا جيڪي ماڻهو هميشہ ڪان ٻڌندو ٻڌائيندو رهيو آهي ۽ جيسين زندگي آهي تيسين ٻڌندو ٻڌائيندو رهندو! موضوع ۽ مواد جي تبديليءَ سان انداز / اسلوب بدلجندو رهندو پر قصو ڪونہ بدلجندو! ڇو تہ قصو زندگيءَ جو حصو آهي / حوالو آهي.

محمد علي ٽالپاڻ بطور هڪ قصاگو هڪ وڏي وقت ڪان مسلسل لکندو پيو اچي. اهو تسلسل ۽ تيزي سندس ادبي جنون جودلربا دليل آهي. ناول ۽ ڪهاڻيءَ ڪان ويندي شاعري ۽ ڊرامانگاريءَ تائين سندس اهو جيڪو تخليقي جنون آهي مان ان ڏانهن پيار، احترام ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏسان ٿو. ڇو تہ آرٽ جي دنيا ۾ انهي جنون جي وڏي معنيٰ ۽ وڏو مقام آهي!

منور سراج

ISBN# 978-969-7914-14-2

Rs. 200

kaptan abro

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.